# سج چنڊ تارا ڪَتيون

علمي ادبي سياسي ۽ سماجي شخصيتون



تاجل بيوس

نئون نياپو

# سج چنڊ تارا ڪتيون

## علمي، ادبي، سياسي ۽ سماجي شخصيتون

تاجل بيوس

نئون نياپو اڪيڊمي ڪراچي

كتاب جو نالو : سج چند تارا ڪتيون
(علمي، ادبي، سياسي ۽ سماجي شخصيتون)
ليکڪ : تاجل بيوس
ڇاپو پهريون : مارچ 2004ع
: نئون نياپو اڪيڊمي
آر-96، پائنيئر هومز اسڪيم، نمبر-33،
گلزار هجري ڪراچي، فون: 6378624
مُلهه: سٺ رپيا

پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

*Sij Chand Tara Katiyoon*
(Sun Moon Stars & The Pleiades)
Doctrinal, Literary, Political and Social Personalities
Written by: **Tajal Bewas**
Edition First: March 2004
Published by: **Naon Niapo Academy**
R-96, Pioneer Homes, Scheme No. 33,
Gulzar Hijri, Karachi. Ph # 6378624
Price: **60/=**

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

# ارپنا

بشير قريشي ءَ

سوپيوگيانچنداڻيءَ

جي نالي

— تاجل بيوس

مون "سج، چنڊ، تارا، ڪَتيون" ۾ رات ڏينهن محنت ڪري، اسان جي ڏاهن ۽ ڏات ڌڻين جو احوال گڏ ڪري، ڪتاب جي صورت ۾ ڇپائڻ جو عزم ڪيو آهي. هن ڏس ۾، سنڌ سان گڏ، هند جي به ڪن سخي مردن ۽ اديبن کي شامل ڪيو اٿم ڇاڪاڻ ته سنڌي جتي به آهي، يا رهي ٿو، اُهو سنڌ ڄاڻو ۽ سنڌ ڄائي آهي. ڪي ماڻڪ مٽيادار ۽ ڏات ڏياڻيون اسان کان وڇڙي، هڪ اهڙي ملڪ جي سفر تي روانا ۽ روانيون ٿي چڪيون آهن، جتان ڪو به واپس نه وريو آهي.

جيئن ته ٻه دفعا مونکي هندستان جي ادبي دؤرن تي وڃڻ جو موقعو مليو آهي، هڪ 1990ع ۾، سنڌي ٻوليءَ جي قداور شاعر شيخ اياز جي سنگت ۾، ۽ ٻيو 2001ع ۾ پنهنجي جيوَن ساٿياڻي منڻ خاتونءَ کي ساڻ ڪري، دهلي، آگري، پُونا، ممبئي، لونا ولا ۽ الهاس نگر پهچڻ، اُن ڪري ڪجهه مواد مونکي ڪتابن مان مليو آهي، ته ڪجهه پُڇڻ، پَسڻ ۽ ذاتي مشاهدي ماڻڻ سان اهڙي معلومات جون پَريون ۽ ياڪر پئي نصيب ٿيا آهن. ڪي شخصيتون اهڙيون به آهن، جن کي اسان جو نئون نسل نه ته ڏسي سگهيو آهي ۽ نه وري سندن بابت ڪجهه پڙهي ئي سگهيو آهي. مثال طور، ممبئيءَ جو رهواسي دادا آر جي آڏواڻي، جو هر سال شاعريءَ جي بهترين ڪتاب تي شاعر کي هڪ لک روپيا انعام طور ڏيندو هو. سرڳواسي آڏواڻي امداد جي ڪيترن ئي طريقن سان، غريبن جي امدد ڪندو رهندو هو. مجتا ۽ احترام وچان ڪيس دادا سڏيو ويندو هو. ملڪ جي ورهاڱي کان اڳ، ڪراچيءَ ۾ ڪي-پي-ٽيءَ پرسان قمر هائوس، دادا آڏواڻيءَ جي ئي ملڪيت هئي.

هند ۽ سنڌ جا ڪجهه اهڙا به ڪلاڪار ۽ ڪلاڪارائون آهن، جن جي فن ۽ زندگيءَ جي احوال کي قلم ذريعي گهٽ اُجاگر ڪيو ويو آهي. مثال طور، ڊول فقير، پارُو چاولا، علڻ فقير، عبدالله ڪيڇي، اُستاد نياز حسين، وحيد علي ۽ نجم نُور.

ڪتاب ۾ آيل ادبي، سماجي، انسان دوست، سياسي ۽ ڪلا سان مالامال شخصيتن جي احوال گڏ ڪرڻ لاءِ، مونکي پنهنجي ذاتي "ذوالفي اينڊ بلاول لئبريري"، ڪجهه ٻين لائبريرين ۽ اخبارن جي خاص

پرچن کي هٿ ڪري، بہ ڪم ڪرڻو پيو آهي، جنهن لاءِ مان مددگار دوستن ۽ مهربانن جو وڏ ۾ وڏ ٿورائتو آهيان.

اسان جي پردي پنيان آيل توڙي عالم آشڪار شخصيتن جي باري ۾ جيڪڏهن ڪو هڪ پڙهندڙ بہ منهنجي هن ڪتاب کي پڙهي، ڪجهہ لاڀ حاصل ڪندو تہ منهنجا نيڻ ٺري پوندا. جو آنند ۽ آسيس مان وچڙي ويلن جي ماڳن مڪانن ۾ پهچي بہ حاصل ڪندو رهندس.

هونءَ تہ ڪتاب ۾ آيل سڀ جون سڀ شخصيتون مون لاءِ اهم آهن، پر ويدن واريءَ عظيم سنڌ جي عظيم محافظ سائين جي ايم سيد، پير حسام الدين، ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، آرجي آڏواڻي، سراج ميمڻ، موهن ڪلپنا، گوبند مالهي، تنوير عباسي، ف-م لاشاري ۽ استاد نياز حسين بابت ڪٿو ڪيل احوال مون لاءِ بہ اتساهہ جو ذريعو بڻبو رهيو آهي. هن ڪانپوءِ مستقبل قريب ۾، پڙرا تيندڙ منهنجا بہ ڪتاب هوندا، جي آهن: "سنڌ جي تاريخ جو ڪيڏارو ۽ سونَ سريڪا چار سين (سنڌو، سنڌ، سن ۽ سيد) موڪلاڻي ڪانهي، سدائين گڏ.

دعائن جو طلبگار

تاجل بيوس

A-62, Block 4A
Journalist Society
Gulshan-e-Iqbal
Karachi (Sindh)
Ph: 021-4813459
Mobile: 0300-2528062

پيغام لطيف ڪتاب لکي، لطيف کي هڪ انقلابي ۽ فڪري اڳواڻ جي حثيت سان پيش ڪري ويو آهي. ٻولي ڇاهي، ثقافت ڇاهي، قوم ڇاهي، آزادي، رواداري، سچ ۽ انصاف ڇاکي ٿو چئجي؟ اهي سڀ زندگيءَ سان تعلق رکندڙ حوالا ۽ حقيقتون سيد انقلابي، سوچ ۽ فڪري تور طريقن سان سمجهائي، سنڌ جي اديبن، شاعرن ۽ ڪارڪنن کي هڪ پر وقار شاهراهه تي اچي بيهاريو آهي. اڳ مسيتن جا ملان لطيف جي سهاري، ڌرمي بالادستيءَ جي آڌار تي لطيف جي بيتن جون عجيب قسم جون معنائون ڪندي، آفيم جا روڙا ڪارائي، جيئري ئي بهشت، حورن ۽ غلمانن جي حوالي ڪري ڇڏيندا هئا. سائين جي ايم سيد، رسول بخش پليجي، تنوير عباسي، غلام محمد گرامي، سراج ميمڻ ۽ موهن جي دڙي پرسان واقع ڳوٺ ٻلهڙيجي جي نوجوان پارڪن لطيف کي اچي انقلابي ۽ فڪري انداز ۾ پيش ڪيو. ٻلهڙيجيءَ جي نوجوانن ۾ اها ڏات ۽ شڪتي شايد سنڌ جي پراڻي تهذيب جي آثارن جي ويجهڙائپ ڪري ٿي پاسجي، جنهن جي اثر سوڀي گيانچندائيءَ جهڙو داناءُ به پيدا ڪيو آهي.

هر عمل جي رد عمل (Re-action) جو هئڻ لازمي امر آهي. سوچڻو ٿو پيو ته اهي ڪهڙا محرڪات هئا، جن تاريخ ۾ ڏاهپ جي اها لازوال "مهارت" سائين جي ايم سيد ۾ پيدا ڪئي، جو هو سچ ۽ سونهن جو وڻجارو بڻجي، انسان جي بنيادي حقن ۽ اهڙن حقن جي حاصلات لاءِ بغاوت جي حد تائين پاڻ پتوڙڻ لڳو، جنهن لاءِ سندس جنم وستي سن کي به زاندان ۾ تبديل ٿيڻو پيو. انهن حقيقتن جو تجزيو اسان هن طرح ڪنداسين:

(1) سائين جي ايم سيد جي نهراءَ پيش ڪرڻ تي، مسلمانن جو هڪ نئون ملڪ ته وجود ۾ آيو، پر سنڌ جي اصلوڪن رهاڪن جا بنيادي حق پائمال ٿيڻ لڳا، يعني اقتدار جي هوس سنڌجي غريب هاريءَ لاءِ ارغوني سرڪار جي شهه تي جوڙايل گهاٽو ثابت ٿي.

(2) پارٽ لڏ پلاڻ ڪرڻ وارن سنڌين جا گهر گهاٽ ۽ زمينون مقامي ماڻهن حوالي ڪرڻ بدران مهاجرن ۽ پنجاب جي رٽائر ٿيل ۽ رٽاير ٿيندڙ سرحدن جي حفاظت ڪندڙ پاڪستانين جي حوالي ڪيون ويون، جيڪو قدم هتان جي ماڻهن لاءِ زندگي ۽ موت برابر سمجهيو ويو.

(3) ريلوي، بري، بحري ۽ هوائي فوج، پوليس، ايف آءِ اي، پي، آءِ اي ٽرئفڪ پوليس، واپڊا ۽ ڪن ٻين ادارن ۾ سنڌ جي نوجوانن کي اٽي ۾ لوڻ

ڪريم بلڙيءَ وارو، شاهه عنايت شهيد ۽ مخدوم بلاول سنڌي قوم جا سورما آهن، جڏهن تہ پنجاب بابا بلي شاهه، سلطان باهو، ماڌو لال حسين، ميان محمد بخش ۽ وارث شاهه سان گڏ پنهنجي ماءُ جي ٻوليءَ کي وساري، ٻي زميني ماڻهن (landless people) جي زبان ۽ ادب کي چنبڙيا پيا آهن. سرائڪي پٽيءَ وارا اڄ بہ خواجا غلام فريد کي پنهنجو قومي شاعر تسليم ٿا ڪن. سنڌي قوم پنهنجي جنم ڀوميءَ کي جيجل امان سڏڻ ۾ نہ رڳو فخر محسوس ڪندي آهي، پر ان سان گڏ ڪيس روحاني سڪون ۽ اطمينان بہ نصيب ٿيندو آهي.

سائين جي ايم سيد جي لفظن ۾ هتان جي قومي تحريڪن جون روايتون بہ صوفياڻيون رهيون آهن. اسان وٽ تاج، تخت، لشڪر، دولت، دٻدٻي، نمائش ۽ ڏيکاءَ جي حيثيت ذري برابر بہ نہ رهي آهي. ياد رهي تہ سٺ واري ڏهاڪي ۾ ڪوٽ ڏجي ۽ بنگلي پرسان اين شاهه جي ٽڪريءَ تي واقع اين شاهه جي درگاهه تي سن جي سائينءَ پاران قائم ڪيل "بزمِ صوفياءِ سنڌ" هڪ مشاعرو ڪرايو هو، جنهن جي صدارت سن جي سائينءَ ڪئي هئي. استاد محترم حڪيم الهندي جتوئيءَ ۽ ڊاڪٽر تنوير عباسيءَ جي همٿائڻ تي مون بہ پهريون دفعو ان مشاعري ۾ اسٽيج تي اچي، شعر پڙهيو هو. منهنجن بيتن ۾ رڳو سنڌ ۽ سنڌي علامتي ڪردارن جو ذڪر هيو، مان جڏهن اسٽيج تان هيٺ لٿو هئس تہ سائين جي ايم سيد ڀرانڙي پائي، چيو هو: " پٽ! تو واهه جا پڪا ۽ پختا بيت ٻڌايا آهن." ان قسم جا اثر ڇڏيندڙ لفظ مان محترم رسول بخش پليجي جي واتان بہ ٻڌا هئا. سائينءَ اهڙو تہ ميراثي ڇڏيو، جو مان بيتن پٺيان بيت لکڻ شروع ڪيا هئا، جيڪي پوءِ "نئين زندگي" ۽ "روح رهاڻ" ۾ ڇپيا هئا.

1843ع کان اڳ واري زماني ۾ سنڌ صدين تائين آزاد رهندي آئي هئي. ويجهڙائيءَ ۾ عربن، ارغونن، ترخانن، مغلن ۽ انگريزن جي قبضي ڪانپوءِ بہ ورهاڱي تائين سنڌ تي چار دفعا مقامي ماڻهن حڪمراني ڪئي هئي، جن ۾ سومرا، سمان، ڪلهوڙا ۽ ٽالپور ٿا اچي وڃن. متان ڪو سنڌ تي حملو ڪري ۽ اهنسا جا اصول ٽٽي پون، ان ڪري سنڌي حڪمران ڌارين حملي آورن جو منهن بند ڪرڻ لاءِ ٻارهين مهيني ڪجهہ نہ ڪجهہ کين ڀهتو ڪندا هئا.

(د) ملڪ ۾ صحيح جمهوريت رائج ڪرڻ لاءِ مذهبي ملان، پير، وڏيري، ڪارخانيدار ۽ ڪاموري کي اسيمبلين ۾ داخلا جو حق نه هوندو. صحيح جمهوريت ۾ هيٺين ڳالهين جو هئڻ ضروري آهي:

(1) ان ۾ هڪ قوم جو ٻي قوم تي سندس اڪثريت، قابليت، تشدد، پيسي ۽ ذهن جي آڌار تي تسلط قائم نه رهي.

(2) جنهن ۾ شاهوڪار، ڪارخانيدار، ملان ۽ پير کي سياست لاءِ ملڪ ۾ دست اندازي ڪرڻ تي بندش هجي.

(3) جنهن ۾ هڪ گروهه يا طبقو ٻئي گروهه يا طبقي جو اقتصادي استحصال نه ڪري سگهي ۽ ملڪ جي جملي ماڻهن کي هڪ جهڙا موقعا ۽ حق حاصل هجن.

(ذ) قومون فردن جي همت ۽ جدوجهد سان زنده رهنديون آهن.

(ر) فسطائيت جو بنياد هن ڳالهه تي رکيل آهي ته ماڻهن کي وڏ ننڍائي، صحيح، غلط، مضبوط ۽ ڪمزور، صالح ۽ غير صالح جي گروهن ۾ ورهائي، ٿورن مخصوص ماڻهن جو ڪثير عوام مٿان زبردستيءَ جو تسلط قائم ڪيو وڃي.

(ز) قوم فردن جي يڪ خياليءَ ۽ گڏيل عمل جو نتيجو آهي، قطري جو معراج، سمنڊ ۾ سمائجڻ ۾ رکيل آهي ۽ شخص جو عروج قوم ۾ فنا ٿيڻ سان ٿئي ٿو. خود مطلبي ۽ تن آساني قومي جسم لاءِ وڏا مرض آهن.

بنگالي، افغاني، پناڻن ۽ پنجابين جون نئين سچ نيون يلغارون آهن، جي مايا جي وسيلن تي قابض آهن. جا مايا هوندءَ اسان سائنسي ڪوڄنائن ۾ ڪتب آڻڻ گهرون ٿا، ۽ اهڙيءَ مايا (ڌن دولت) جي ساميءَ جي ارڙيهن ۽ اٺويهين صدين جي ڀيٽ ۾ وڏيڪ ضرورت آهي، ان ڪري اڄ اسانکي ان ڀائي چٽنراءِ ساميءَ جي ضرورت آهي، جو تن من کي تسيا ڏيڻ بدران، پيٽ ڀري کائي، اوڳرايون ڏئي، ڪمپيوٽر تي ويهي، اِي ميل جي فائيلن کي بہ جاي، ۽ پنهنجا سلوڪ ۽ بيت بہ پاڻ ڪمپوز ڪري. ڇو تہ، مايا ڪي جيڪڏهن اسان غلط طريقن سان ڪتب ٿا آڻيون، تہ پوءِ ان مايا (Wealth) کان اسان ڇو نفرت ڪيون؟ ڇو تہ ان مايا مان اڌ مايا جو ضرورتمند ۽ اپاهج انسانن تي لڳائي، باقي بچيل مايا مان زراعت جي اپت سائنسي طريقن سان حاصل ڪيون، ڪمپيوٽر خريد ڪيون، ۽ ائين عالمي سطح تي چٽاڀيٽيءَ (Competition) جي دؤر ۾ ملڪ ۽ قوم جي دل کولي خدمت ڪيون.

**مايا بابت سامي جا سلوڪ هي آهن:**

(1) مايا پلائي، وڏو جيءَ پرم ۾

(2) سارو جڳ انڌو، ٿيو مايا جي موهہ ۾

(3) ڪئي خلق انڌي، مايا موهہ ممت سان

(4) ساري خلق خوار، رهي مايا موهہ ۾

(5) مايا ڪيا موڳا، سامي جيءَ جهان جا

(6) مايا ڪسي مت، سامي ورتي سڀ جي

(7) مايا ڪري غلام، سامي وڏو سڀ کي

(8) انڌن ڏي آئي، مايا ٻٽي موهڻي

(9) مايا مچايو، ڪوڙو ڪيل ڪلپ جو

(10) مايا منجهہ مستان، مورک رهن ڪيترا

(11) ڏاڍي ڏيوالي، مايا ڏانئڻ ڏندري

(12) ڪيڏي ڪليجو، مايا ڏانئڻ سڀ جو

ويدانتي شاعريءَ ۽ فڪر توڙي فلسفي ۾، وياس جي گڏ ڪيل هندو ڌرم جي ارڙهن (18) ڌرمي پراڻن يا پستڪن جو وڏ ۾ وڏ عمل ۽ دخل آهي، جن جو ساميءَ بہ چڱو خاصو ذڪر ڪيو آهي. مثال طور هي بيت پڙهو:

ڇهہ، انارهن، چار، ڳالهہ ڇون تا هڪڙي،
در، در ديوانن جان، ناحق ڪيم نهار،

ملي ساڌ سنگت سان، بيحد ڏيئو پار،
تہ بيٺي منجهہ بزار، سامي ڏسين سپرين

ساميءَ جي انارهن (ارڙهن) پراڻن ۾ ڪل چار لک اشلوڪ ٻڌايا ويا آهن، جن ۾ دنيا جي پيدائش، وڏي پرلئہ يادئيا جو ناس ٿيڻ ۽ سورمن ۽ سنتن پونئرن جو ذڪر ٿيل آهي. اچو تہ پنهنجيءَ معلومات لاءِ ارڙهن پراڻن جا نالا بہ ڳڻايون.
(1) برهم (2) پدم (3) برهمانند (4) اگني (5) وشنو (6) گرڊ (7) برهم ويورت (8) شِو (9) لنگ (10) نارد (11) سڪند (12) مارڪنڊيہ (13) ڀوشيت (14) متسيہ (15) وراهہ (16) ڪورم (17) دامن ۽ (18) ڀڳوت
ڪراچيءَ جي سوامي نارائڻ مندر ۾ اينڊڙ فيبروري مهيني ۾ رٿيل سامي ڪانفرنس جي موقعي تي پريم ساگر جو ”سامي نمبر“ ڇپائي پڌرو ڪيو ويندو. اهڙو اطلاع مونکي مانواري وليرام ولڀ ۽ تاج جوئي طرفان ڀارت مان واپس اينڊي ئي ملي ويو. مون ٿورو گهڻو ساميءَ کي اڳ پڙهيو هيو، پر متس ڪجهہ لکڻ لاءِ سنڌي اڪيڊمي، دهليءَ پاران 1997ع ۾ ڇپايل ”ساميءَ جا سلوڪ“ کي ڏيان گيان سان مون پڙهڻ شروع ڪيو. مون ڏٺو تہ مايا، اوديا، مورک، اگياني، ويساسي، پاونا، ساڌمهما، ست سنگ مهما، گرمک، ايشور مهما، اپديش مهما، ڀڳتي، سک، پريم، نيهي، محبت، عشق، عاشق، سهاڳڻ، ڇهہ انارهن چار، لکشڻ، فقير، دروند، اڏوت، ساڌوجن ۽ سنت جهڙن ڇويهن (26) بابن تي ڪتاب جي ٽن ڀاڱن ۾ ساميءَ جا ڪل 2680 سلوڪ ڏنا ويا آهن.
ساميءَ بابت مٿي ذڪر ڪيل معلومات ڪانسواءِ، مون ساميءَ جي سلوڪن واري سمنڊ مان ڪجهہ حاصل ڪرڻ لاءِ غواص بڻجي، جڏهن غوطا خوري ڪئي، تڏهن جو ڪجهہ منهن ۾ هٿ لڳو، اهو بہ هيٺ ڏجي ٿو.

### (1) ساميءَ جي سلوڪن جي لکڻ جو اصل مقصد

گيان وگيان ڪانسواءِ ساميءَ کي پنج وڪار يا رڪاوٽون محسوس ٿيون، جي آهن: (1) ڪام (2) ڪروڌ (3) لوڀ (4) موهہ ۽ (5) اهنڪار. اهڙين بيمارين جهڙا ساميءَ جي نظر ۾ انسان جا ٻيا ٻلوان دشمن نٿا ٿي سگهن. اهڙن دشمنن کي مات ڪرڻ لاءِ ساميءَ جو خيال آهي، تہ انساني بستين ۾ آسماني ڪتاب، شر تيون ۽ سمرتيون ظاهر ڪيون ويون ۽ رشي ۽ مني بہ ظهور ۾ آيا. اهڙيءَ طرح ماک ديهہ (انساني سرير) کي سقلو بڻائي سگهجي

ٿو، جيئن مايا جي موهہ، ڪام ۽ ڪروڌ تي غالب پئجي سگهجي. ان لاءِ ماڻهوءَ کي ساڌ سنگت ۾ رهي ڪري، ستِ (سچ) جي ستن هٿيارن سان ليس ٿيڻو آهي، جي آهن: ڪرم (عمل، مذهبي رسم) سيل (سچائي) سنتوک يا سنتوش (صبر) نرويرتا (انسان دوستي) شيوا (سيوا، خدمت) ديا (ٻاجهہ ڪرپا) ۽ ڌرم (مذهب).

ساميءَ جي نظرن ۾ ساڌو اُهي آهن، جي ڪايا ۽ مايا جي موهہ ۾ غلطان نہ رهن، جي جڳت کي ڪوڙ ۽ ريب سمجهن ۽ ڪلپت (وهم) کي ڪٽي، سنگسار ڪري ڇڏين، ۽ سندن اَصلُ ڌن دولت، آتم ڌن ۽ گيان، اتم گيان آهي. ممتا (دنيا جو پيار، موهہ) کي مارڻ ۽ ايمان (تڪبر) کي ڦاسيءَ چاڙهي، سائينءَ جي سيوا ۾ پاڻ ارپڻو آهي. ان ڏس ۾ هڪ ساڌوءَ لاءِ وديا (علم) ۾ غرق ٿيڻ ڪانپوءِ سوري هن لاءِ سيج آهي، زهر، شربت آهي، ڏک، سک ۽ آنند آهي، ۽ موت، حياتي آهي، ۽ پوءِ ٻين جو خير، پنهنجو خير آهي، جڳ جو خير آهي.

### (2) ساميءَ جو وحدت الوجوديءَ واري مسلڪ جو هئڻ :

وحدث الوجود واري صوفياڻي يا ويدانيت واري مسلڪ "همہ اوست" آهي، جنهن جي معنيٰ آهي. سڀ ڪجهہ، هو يا اهو ئي آهي: هي نظريو هجري ڇهين صديءَ ۾ اسپين ۾ جنم وٺندڙ شيخ اڪبر مهي الدين ابنِ عربيءَ پيش ڪيو، جنهن جو مطلب آهي تہ هن ڪائنات جي ڪابہ شيءِ خالقِ اعظم کان الڳ وجود نٿي رکي، يعني خالق ۽ مخلوق جي وحدانيت ۾ ڪوبہ فرق نہ ٿو هجي، جنهن لاءِ چيو ويو آهي، تہ ڪائنات ۽ ڪائنات جي جوڙڻهار جو وجود هڪ ئي وجود آهي. اجان بہ هن مسلڪ کي ظاهر ڪبو تہ خبر پوندي، تہ انسان ۽ ڪائنات کي وجودِ واحد مان پيدا ڪري، مخفي خزاني کي آشڪار ڪيو ويو آهي، ۽ ائين ذات، پاڻ کي صفات ۾ ظاهر ڪيو آهي.

اچو تہ اِيشور مهما واري باب مان ساميءَ جا بہ بيت ڏيون، جن ۾ "همہ اوست" واري مسلڪ سج وانگر اپري پويٿي:

بيــڪ ڌري آيــو، خــاوند پــاڻ خلــق ۾،
چاهہ ورائـي چـت سـان، نانـا رنـگ لايـو،
ڳـُتـيءَ ليکـي کـوئن پـري، اچـرج مچـايو،
سـامي سمــايو، نيــارو رهــي نــپ جــان

ڪتاب جي ٻئي ڇاپي وقت لطيف ۽ ساميءَ جي هڪجهڙائيءَ کي ضرور ذهن ۾ رکڻو پوندو.

(8) سامي مذهب جي قيد بند کان آزاد آهي.

سامي شاعريءَ جي معروضي ۽ آفاقي قدرن کان ضرور واقف هيو. ڇو تہ جڏهن هو مسلمانن جي نالي "الله" کي شاعريءَ ۾ ٿو ڪتب آڻي، تڏهن منجهس اهوئي عجز، انڪساري ۽ احترام آهي، جو رام يا پرماتما نالن کي ڪتب آڻڻ وقت منجهس موجود آهي. ڪجهہ بيتن جون سٽون اجهو هن طرح آهن:

جني خواهش خريد، تئي تن عشق الله جو،
ڏيئي دل دولت، عاشق گڏيا الله کي،
اڄ جي الاهي، عاشق گڏيا الله کي،
جنهن عاشق لايو، سچو عشق الله سان.

(9) ساميءَ جي شاعريءَ ۾ آگاهيون ۽ اڳڪٿيون.

اها حقيقت آهي، تہ مذهب ۽ سائنس ۾ شروع کان تضاد پئي رهيا آهن، پر صوفياڻو رويو رکندڙ شاعر سائنسدانن جا نقيب (harbingers) پئي رهيا آهن.

اهڙين آگاهين يا پيشنگوين تي ئي سائنسدانن سائنس جو بنيادي پٿر پئي رکيو آهي، جن ۾ خودبخود سماجي ڪارج پئي سرجيو آهي.

ساميءَ جي ڪلام پڙهڻ سان، اسانکي خلائي سفر جون آگاهيون ملن ٿيون. پهريائين اچو تہ ساميءَ کان اڳ ٿيل پيشنگوين کي پرکيون، جي گهٽي ياگي سچيون بہ نڪتيون آهن:

(1) نيرا گهوڙا ڏيرا، اتر کان ايندا،
واساما واٽن تي، ورهائي ويندا،
تهان پوءِ ٿيندا، تبل تاجاڻين جا.

(هڪ ماموئي فقير)

متينءَ اڳڪٿيءَ کي قنڌار ۽ ڪابل کان ٿيندڙ پٺاڻن جي حملن سان ملايو ٿو وڃي، جو سلسلو اڃا بہ نہ ڪٽو آهي.

(2) چرخ اڏائيندو آسمان ۾ مڪڙ جي مثلا

نئڙي نئن نهار، تہ سيتل تئين سامي چئي.
جيئن پيڙيءَ جو پور، تئين سنگ سنسار جو
لاقان لک هٽن، پنڊت ڇاٽي پاڻ کي
پوڙا ڪين پڏن، دانهان درد وندن جون
ڏرتي هري نہ تئي، بنا پاٽيءَ مينهن
کهڙي پيٽ ڏريان، سامي ساڌ سنگت کي
هر، هر هٿ مَ پاءِ، عشق جي اسرار ۾
سهاڳڻ سائيِ، ڪانڌ جنهن جي ڪڇ ۾

ساميءَ جي گيتا، پراڻن، ويدن، اپڪارين، شاسترن، جوڳيسرن ۽ ساڌ سنگت بابت وسيع معلومات توڙي شعري ڍرجي کي سامهون رکي، اسان چئي سگهون ٿا، تہ سامي، ويدانيتي مسلک جو وڏي ۾ وڏو سنڌي شاعر آهي. لطيف "چنل ڇج هٿن ۾، ڪلهن ڪوڏارا"، ڪانوني "پيو ٻاريندو ڪير، ڪاهوڙڪي ڪير ري" تائين لکيو آهي. ان ڪري هر وڙ ۽ ورجيس جي بنياد تي شاهہ ٽمورتيءَ ۾ وڏو، ۽ سامي ٽيون نمبر شاعر ٿو وجي بيهي، جڏهن تہ هڪ ادبي وڙ يعني ويدانتي حوالي سان سامي سنڌيءَ جو وڏي ۾ وڏو شاعر آهي.

جڏهن لطيف ڪانپوءِ اياز پهريون دفعو بلوغت ڪي رسيل هر لحاظ کان ڪڙيءَ چڙهيل بيت ۽ وائي لکي سامهون آيو. جنهن تي فرسوده روايتن تي عمل ڪندڙ ملان قسم جا شاعر ۽ رجعت پرست اديب مچرجي ويا. جن ۾ اهڙا شاعر به هئا. جي فارسيءَ جا دقيق لفظ شعر ۾ ٺنبي، پنهنجي وڏائيءَ جو سبب سمجهندا هئا ۽ ڪيترا اخبارن جا ايڊيٽر به مخالفت جا هٿيار کڻي، اياز خلاف ڪالم لکڻ لڳا.

اياز جي مخالفت جو ٻيو زمانو وائيس چانسلر جي مقرريءَ وارو آهي، جنهن کي ان وقت جي وزيراعظم شهيد ذوالفقار علي ڀٽي جي حڪم تي مقرر ڪيو ويو هو. ڀٽي صاحب کي خبر هئي ته اياز آمر ايوب ۽ يحيٰ خلاف شعر ۽ ادب جي پليٽفارم تان هڪ طاقتور محاذ قائم ڪيو هو. ان ڪري ڀٽي صاحب کي ائين ڪرڻ ۾ پنهنجي عاقبت سنوارڻ وارو به قدم نظر آيو. ۽ وائيس چانسلر مقرر ڪرڻ جا احڪام، سي به عوام طرفان چونڊيل وزيراعظم طرفان، هڪ وڏي شاعر ۽ ڏاهي لاءِ به هڪ سٺو سنوڻ هو. جنهن لاءِ اياز مستحق به هو. ڇاڪاڻ ته اياز جو پهريون ڇپيل شعري مجموعو "ڀونر ڀري آڪاس" 1964ع ۾ ايوب جي آمريتي دؤر ۾ ضبط ڪيو ويو هو ۽ هڪ ٻيو شعري مجموعو "ڪلهي پاتم ڪينرو" ۽ نثر جو اعليٰ ڪتاب "جي ڪاڪ ڪڪوريا ڪاپڙي" 1968ع ۾ ضبط ٿيا. نه رڳو اياز جا ڪتاب، پر ان سان گڏ ڪيترا سنڌي رسالا به بند ڪيا ويا ۽ 1965ع ۾ پهريون ڀيرو اياز کي جيل به موڪليو ويو. اياز کي آزاد ڪري، وري 1968ع ۾ سياسي ليڊرن سان گڏ ڪيس جيل اماڻيو ويو. ۽ اهڙيءَ طرح اياز کي وري ٽيون ڀيرو به 1971ع ۾ جيل جون عقوبتون سهڻيون پيون.

مٿين ڏاڍاين سهڻ کانپوءِ جيڪڏهن اياز کي هڪ عوامي چونڊيل وزير اعظم پنهنجي ئي سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ وي، سي بڻايو، ته ان ۾ ڪا به حڪايت ۽ شڪايت نه هئڻ گهرجي. ان جي ابتڙ پنجاب جي سياستدانن تي نظر وجهبي ته اهڙا هزارين اسانکي مثال ملندا. جنهن هيٺ نااهلن کي نوازي، ڪين پٽ تان ڪڻي ڪٽ تي وهاريو وڃي ٿو.

ڀٽي صاحب جي گرفتاريءَ ڪانپوءِ ضيا شاهيءَ جي ڪر ٻوساٽ وارو دؤر اچي ويو. جنهن ۾ اياز وي، سيءَ جي عهدي تي فائز رهيو. اياز جي عاقبت ان ۾ هئي، ته آمرن جي اطاعت ۽ پاليسين کي ٺڪرائي فورن استعيفا ڏئي، سکر پهچي، وڪالت واررو پنهنجو لاٿل ڪارو چوغو سنڀالي ها.

اياز جي مخالفت جو ٽيون زمانو سندس دعائن وارو هو، جڏهن جماعت اسلاميءَ جو هڪ وفد ڪلفٽن واري فليٽ ۾ اچي ساڻس مليو هو. جنهن ڪري هو ادب جي اصل موقف تان هٽڻ لڳو هو. ٽيهارو سالن ۾ سنڌي قوم کي ڏنل سائنسي سوچ ۽ فڪر جنهن سوين ۽ هزارين شاعر ۽ اديب پيدا ڪيا هئا، جي اياز جي جلايل مشعل مان ڇاڻ جون ڇاٽيون ۽ ڏات جا ڏيئا ٻاري رهيا هئا، اياز اها سوچ ۽ فڪر ڪاڻئون واپس وٺي رهيو هو. جڏهن ته نئين ٿهيءَ جا نوجوان شاعر فرسوده روايتن جي ڪاراڻ کي هڪالي، ادب جي نون ٻوٽن ۽ وڻن جي آبياري ڪري رهيا هئا.

مٿين حقيقتن تي نظر وجهڻ ڪانپوءِ اسان ان نتيجي تي پهچنداسون ته سنڌ جي ڪنهن به ماڻهوءَ هرويرون اياز سان نه ڪوئُس ڪئي هئي ۽ نه وري ڪنهن قسم جي مخالفت تي زور ڏنو هو، پر هر دفعي اياز پاڻ ئي پنهنجي مخالفت پيدا ڪرڻ جو جواز پيدا ڪيو هو، سواءِ ان مخالفت جي، جا نظرياتي طور ۽ سندس پلوڙ شاعري پڙهي، روايت پسند ۽ رجعتي ٽولن پنجاهه ۽ سٺ وارن ڏهاڪن ۾ ساڻس ڪئي هئي.

سنڌ جي نوجوان جامي چانڊئي ڏاڍو سٺو لکيو آهي ته، "سنڌجي ماڻهن جي اڪثريت اڃائي سؤ سالن گذرڻ ڪانپوءِ به لطيف کي شاعر ۽ مفڪر جي حوالي سان نه سمجهي سگهي آهي، ۽ اڃان سوڌو ماڻهن تي لطيف جي پير پرستيءَ وارو غيرسائنسي جذبو حاوي رهيو آهي. ان ڪري اسان لاءِ بهتر ائين ٿيندو ته اسان ڇڏي ڏيون اياز ۽ اياز جي تخليق ڪيل شهپارن کي ته اهي ڪلاسڪس جي مختلف مرحلن مان گذري، پنهنجي مقبوليت جو اصل مقام ۽ گراف ڳولهي، بلندين تي پهچن.

شيخ اياز سان منهنجي ٻانهن ٻڌڻ واري وات جو پهريون باب ستر واري ڏهاڪي ۾ سندس گلشن اقبال واري گهر ڪان منهنجي سرڪاري گهر واقع گارڊن روڊ ڪان شروع ٿي، مدايسٽ اسپتال ۾ داخل ٿيڻ واري رات ڪانوئس طبيعت پڇڻ تي پڄي ٿو، جنهن وچ ۾ سندس گهر ۽ منهنجي گهر روح رهاڻيون ڪرڻ، سمنڊ ڪناري ٽيلار ڪرڻ، اياز جو منهنجي دفتر قدم پري اچڻ، چائنا ٽائون ۾ اديب دوستن سان ماني کائڻ وارا مرحلا به اچي وڃن ٿا.

اياز سان روح رهاڻين جو ٻيو باب 28 ڊسمبر 1997ع کان شروع ٿي، منهنجن اکين بند ٿيڻ تي پڄندو، جنهن ڪان پوءِ اسانجي ملاقاتين جو ٽيون دؤر تڏهن شروع ٿيندو، جڏهن اياز بهشت جي باغن ۾ هوندو ۽ حورون ڪيس

بهشتي شراب پيارينديون ۽ مان دوزخ جي ڪنهن جهروڪي مان اياز ڏانهن
مٽيءَ مان جڙيل خالي جام وڌائيندس. اياز اڳتي وڌندو ۽ پوءِ اسان بهشتي ۽
دوزخي جام ٽڪرائي، حورن جي سنگ ۾ هيءُ ترانو ڳائينداسين:

سنڌ ديس جيءَ ڌرتي توتي پنهنجو سيس نمايان
مٽي ماٿي لايان
ڪينجهر ڪان ڪارونجهر تائين توکي چشمن چايان
گيت بہ مون وٽ تنهنجا ماتا! بيت بہ تنهنجا پانيان
جيءُ جيءُ جيجل! جيءُ جيءُ جيجل! توکي ڪيئن لنوايان
رم جهم رم جهم راڳ انهن سان تر بر باهنں لڳايان
ڪالهہ مليران مهڪ اٿي جا نگر، نگر ڦهلايان
تنهنجي مٽيءَ منجهہ ملان جي، آءُ امرتا پايان
سنڌ ديس جي ڌرتي توتي، پنهنجو سيس نمايان
مٽي ماٿي لايان
مٽي ماٿي لايان

ادبي لڏي ۾ تنوير عباسي هڪ اها شخصيت هئي، جنهن وٽ خيرپور ۾ پير حسام الدين راشدي وري پيو ايندو هو. جتي مان به راشدي صاحب جي ڪچهريءَ مان فيضياب ٿيندو هيس. راشدي صاحب تاريخ ثقافت ۽ سنڌ جي قديم ماڳن مڪانن تي ايڏو ته ڪوجنائي ڪم ڪري ويو آهي، جو هو خاڪي جسم جي حوالي سان بيشڪ اسان وٽ نه هجي، پر ڪتابن جي ورقن ۾ اسان جي دلين ۾ هميشه زنده رهندو. ائين پيو محسوس ٿئي ڄڻ هاڻي به مڪليءَ تي ڄام نندي جي مقبري پرسان، مڪلي نامي ۾ ڏنل 136 تصويرون ۽ شجرن تي راشدي صاحب ڪم ڪري رهيو آهي. ملهايل ورسي جي حوالي سان، سائين حسين شاهه راشدي عملي طور ثابت ڪري ڏيکاريو آهي، ته اسان سنڌ وارا هر دور ۾ هڪ زنده قوم رهيا آهيون ۽ اڳتي به دعا آهي ته اڳ وانگر زنده رهنداسون.

ون هنڊريڊ گريٽ لائيوز ۾ شامل ٿيل عظيم شخصيت

# ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

ڏنو ويو آهي تہ دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ادب، فن ۽ انساني زندگيءَ سان سلهاڙيل هر ڪارڪرت کي فروغ ڏيڻ لاءِ، ٻيءَ همت افزائيءَ سان گڏ، انعام اڪرام بہ ڏنا وڃن ٿا. اسانجي پنهنجي پاڙيسري ملڪ ڀارت ۾ آباد ٿيل سنڌي اديبن جي قائم ڪيل جماعتن ۽ ادارن تي نظر وجهنداسون تہ خبر پوندي تہ شيلڊن يا تمغن سان گڏ، ڏهن هزارن روپين ڪانوني هڪ لک روپين جا هر سال بهترين ڪتابن تي ججن جي فيصلي موجب روڪ انعام ڏنا وڃن ٿا. جن ۾ ساهتيہ اڪيڊميءَ طرفان پنجويهن هزارن جو انعام، اکل ڀارت سنڌي سڀا جو انعام ۽ پروفيسر رام پنجواڻي لٽريري اينڊ ڪلچرل ايسوسيئيشن، ممبئي جي پليٽ فارم تان شاعريءَ جي بهترين ڪتاب تي آر جي آڏواڻي جو هڪ لک وارو انعام بہ شامل رهيو آهي. اسان ڏسئون ويٺا تہ هتي اسان جي سنڌ سونهاريءَ ۾ هن قسم جي همٿائڻ واري ادبي مهم جوئي ڪافي ماٺار جي مرحلن مان گذري رهي آهي.

لنڊن مان هر سال ڇپجندڙ رعبائتي ڪتاب (one Hundred great lives) ۾ انهن شخصيتن جون رنگين تصويرون ۽ ڪارناما ڇاپيا وڃن ٿا. جي ادب، ايجاد، موسيقيءَ، مهم جوئي، خلائي تحقيقي ڪارنامن، ناٽڪ، ڪمپيوٽر، انٽرنيٽ، دواسازي، راندين، گهوڙيسواريءَ جي ڪرتين وغيره سان واسطو رکن ٿا. هوڏانهن لنڊن مان ئي شايع ٿيل ڪتاب "ون هنڊريڊ گريٽ لائيوز" کي ڏسنداسون، تہ هن ڪتاب ۾ انهن شخصيتن جو احوال بہ ڇاپيل آهي، جن جو مٿي ذڪر ٿيل شعبن سان گڏ سائنس سياحت، آرٽ، بهادري ۽ تحقيق سان واسطو رهيو آهي. اهڙين شخصيتن ۾ گئليلو، نيوٽن، ڊارون، رائيٽ بردرس، هيروڊوٽس، دانتي، روسو، شيڪسپيئر، شيلي، بائرن، ٽئگور، گوتم ٻڌ، سقراط، ارسطو، حضرت محمد، مارٽن ليوٿر، مهاتما گانڌي، قلو پطرا، جون آف آرڪ، مارڪوپولو، ڪولمبس، سڪندر اعظم، ڪمال اتاترڪ ۽ ٻيا شامل آهن. هن قسم جي هڪ سئو پاڳوند ليکڪن ۽ سائنسدانن ۾ اهڙا

مرحوم ممتاز مرزا ۽ ٻين سات ڏيندڙن سان گڏ، سگهڙ برادريءَ جا به گڻ ڳاتا آهن.

اسان جو پڪو ايمان آهي ته ڊاڪٽر صاحب سنڌي لوڪ ادب سهيڙي، ڇپرائي، پاڻ کي لطيف ۽ سنڌ واتگر اسان سان گڏ رهڻ جو احساس ڏياريو آهي. مونکي يقين آهي، ته جيستائين شاهه لطيف جو رسالو ۽ ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جي سهيڙيل لوڪ ادب جو خزانو آهي، تيستائين سنڌ ساڻيهه تورڙي سنڌي ادب، ثقافت ۽ سنڌيت اسانکي سنڌوءَ جي ٻنهي ڪنارن تي جهومندڙ ڪيتن جو احساس ڏياريندا رهندا. مان سنڌ سرڪار جي ڪلچر کاتي، سنڌالاجي، سنڌي لئنگيوئيج اٿارٽي ۽ سگا جي سرواڻ ڊاڪٽر محمد سليمان شيخ کي عرض ڪندس ته ڊاڪٽر بلوچ صاحب کان سندن مڪمل بايوڊيٽا Resumeوٺي، نوبل پرائيز ۽ گنيز بوڪ لاءِ ٻاهر موڪلي وڃي.

مهان ڏات ڌڻي

# سراج الحق ميمڻ

ادب ۾ اهڙو وقت به آيو آهي، جڏهن ادب کي ”ادب جو ادب يا آرٽ لاءِ هئڻ“ سمجهيو ويندو هو. ۽ پوءِ ”ادب جو زندگيءَ لاءِ هئڻ“ واري وصف عمل ۾ آئي، جيئن ته اهو اديب يا ادب جو سرجڻهار ئي آهي، جو ايندڙ حادثن، واقعن ۽ حالتن کان وقت جي حڪمرانن کان اڳ، آگاهي حاصل ڪندو آهي ۽ ائين ادب ذريعي، اديب سڄي ۽ آزاد زندگي گذارڻ لاءِ قانون جوڙي، پنهنجن تخليقن تي عمل ڪرائڻ لاءِ ادب وقت جي حڪمرانن حوالي ڪندو آهي ته جئين غير ترقي يافته ملڪ يا قوم ترقي پذير منزل کي، ۽ پوءِ ترقي يافته منزل کي رسي، جنهن تي يورپ، آمريڪا ۽ ڪجهه ايشيائي ملڪ عمل ڪري چڪا آهن. ان ڪري اهڙين تبديلين کي سامهون رکندي، ايڪيهين صديءَ ۾ پهچڻ کانپوءِ، اسان ادب جي وصف هن طرح ڪري سگهون ٿا:-

ادب جو سماجي، سائنسي، فني، اصلاحي، معاشي ۽ سياسي انقلاب يا تبديلين لاءِ هئڻ“ اها ٻي ڳالهه آهي ته اسانجا حڪمران پنهنجن نقيبن (رهنما - پيشوا) تي عمل نه ڪندا رهيا آهن، ۽ اسان غربت جي گهاٽي ۾ پيڙهبا رهيا آهيون.

سراج الحق ميمڻ، منهنجي ويچارن موجب اهو اديب، ڏاهو ۽ ڏات ڌڻي آهي، جنهن ادب جي ايڪيهين صديءَ واري وصف موجب نه فقط ادب سرجيو آهي، پر هڪ ماهر، هڪ استاد بڻجي، نئين نسل جي رهنمائي به ڪئي آهي. شاعريءَ جي حوالي سان، شاهه، سچل ۽ ساميءَ کي هند ۽ سنڌ ۾ اساسي يا ڪلاسيڪي شاعريءَ جي ٽمورتي ڪري مڃيو ويو آهي. اهڙي ئي طرح، سراج ميمڻ، آغا سليم ۽ امر جليل نثر نگاريءَ ۾ اسان جي ٽمورتي آهن.

1996ع يا 1997ع ۾ سنڌي ادبي سنگت پاران، سراج الحق جي لکيل ناول ”مرڻ مونسين آءُ“ تي رمپا پلازا ۾ ورڪشاپ ٿي رهيو هو. ڪلفٽن کان گهڻو اڳتي، سمنڊ ڪناري مون شيخ اياز کي ٻڌايو، ته اڄ سراج صاحب جي ناول تي ورڪشاپ ٿي رهيو آهي، ان ڪري مونکي جلدي رمپا پلازا پهچڻو

آهي، جنهن تي شيخ اياز چيو تہ هو بہ ان ورڪشاپ ۾ شريڪ ٿيڻ چاهي ٿو، بس ائين اسان رمپا پلازا پهچي وياسون.

سراج الحق جي ناول شيخ اياز توڙي مونکيٰ ادب جي نواڻ ۽ وڏن قدرن جي حوالي سان ايڏو تہ متاثر ڪيو هو، جو اياز ڪيترن ئي موقعن تي ناول جي ادب جي مختلف پاسن جي حوالي سان، واکاڻ ڪندو رهيو هو.

1983 ۾ منهنجي پهرئين شعري مجموعي "جڏهن پونءِ بٽي" جو سگا پاران هوٽل هاليڊي ان ۾ تيوير عباسيءَ جي صدارت ۾ مهورت ٿي رهيو هو، جنهن ۾ خاص مهمان سراج الحق هو. ان موقعي تي سراج الحق منهنجي پهرئين شعري مجموعي بابت اجهو هن طرح چيو هو: آئون شاعريءَ بابت اڪثر ڪري حضرت روميءَ جي راءِ يعني "شاعري جز و است از پيغمبري" تي يقين رکندو هئس، پر هاڻي تاجل جي شاعري پڙهڻ ڪانپوءِ ان ۾ تبديلي آڻي هيئن چوڻ تي مجبور آهيان تہ "پيغمبري جز و است از شاعري" سراج جا متيان ويچار، امان سائنڻ جي سرپرستي، ادب ۾ استاد حڪيم الله آندي جتوئيءَ جي رهنمائي، سائين بدرالدين زاهديءَ جون مهربانيون ۽ درگاهہ پير حيات شاهہ تي ڪافي ڪلام ٻڌڻ وارو ماحول، اڄ بہ مون لاءِ اتساهہ جا وسيلا ثابت ٿي رهيا آهن.

لاڙ جو لاڪيڻو شاعر

# مولانا حاجي احمد ملاح

مولانا حاجي احمد ملاح جا منهنجي ڄاڻ موجب هن وقت تائين پنج شعري مجموعا ڇپجي ظاهر ٿيا آهن، جي آهن:

(1) بياضِ احمد (2) گلزارِ احمد (3) گلشنِ احمد (4) هيڪڙائي حق ۽ (5) غزلياتِ احمد. 1978ع ۾ مولوي حاجي عبدالله جوڻيجي جي پڌرا ٿيءَ موجب ڇهون ڪتاب ڪلياتِ احمد ڇپجي ٿو، جيڪو شاعر جي سڀني ڪتابن جو گڏيل مجموعو سمجهڻ گهرجي. هيءُ ڪتاب منهنجي نظر مان نه گذريو آهي، پر يقين سان چئي سگهجي ٿو ته مولوي حاجي عبدالله جوڻيجي ۽ مانواري عبدالجبار جوڻيجي جهڙن شائقن ۽ ادب نواز ڏاهن هن ڪلياتِ کي ڇپائي پڌرو ضرور ڪيو هوندو.

هيءَ هڪ مڃيل حقيقت آهي، ته مولانا حاجي احمد ملاح لاڙ جو هڪ قداور عوامي شاعر ٿي گذريو آهي، جيئن ابراهيم منشي، سرويچ سجاولي ۽ محمد خان مجيدي. اسان چئي سگهون ٿا ته مولانا حاجي احمد ملاح جون سنڌ جي ماڻهن، خاص ڪري لاڙيچن جي دلين تي ڇاپون لڳل آهن. اها مقبوليت ڪيس نه رڳو لاڏاڻي ڪانپوءِ ملي، پر سندس جيئري ئي ڪيس نصيب ٿي.

مولانا جي شاعريءَ کي غور سان پڙهبو ۽ پرکبو ته خبر پوندي، ته هو ٽِنَ طاقتن جو عاشق بڻجي، سامهون ايندو، جن مان ٻه طاقتون هڪ احد ۽ ٻيو احمد، آهن، ٽين جو تعلق اسانجي جنم ڀوميءَ سان آهي، جي آهن: سنڌ ملڪ، ۽ سنڌ واسي.

مولانا روميءَ جو هڪ شعر هن طرح آهي:

شاعري جزو است از پيغمبري،
جاهلانا ڪفر داند از خري.

معني: شاعري، پيغمبريءَ جو جزو آهي، جنهن کي جاهلن پنهنجي گڏ هيٺي ڪري ڪفر سمجهو آهي.

اهو ئي سبب آهي، جو اسانجي سدا ملوڪ شاعر نياز همايونيءَ لکيو آهي، ته مولانا حاجي احمد ملاح جي شاعري سنڌي زبان ۾ پيغمبريءَ جو درجو

رکيتي. هونءَ بہ شاعريءَ ۾ جيستائين سماجي ڪارج (Social Utility) ناهي، تيستائين اهڙي شاعري انساني وسَتين واهڻن يا سماج کان کوهين ڏور هجي ٿي. اُن قسم جي شاعري ماڻهن لاءِ نہ، پر ڪنهن خلائي مخلوق لاءِ ٿي سگهي ٿي. مولانا جي شاعريءَ ۾ سماجي ڪارج اتين پريل آهي، جئين ماکيءَ جو شيشو بوچ تائين ڀريل هوندو آهي. اُن ڪري سندس گهڻو ڪلام سنڌي سماج مان بدعت، برائي، پراڻين رسمن ۽ رواجن خلاف جنگ جو اعلان ٿو لڳي، تہ مٿان وري سندس شاعريءَ ۾ ڪتب آيل تجنيس حرفي ۽ جادو بياني بہ اهم تخليقي وڙون ثابت ٿيون آهن.

سنڌ ۾ نئون ڪعبو جوڙي، ڪيس طواف ڪرائڻ وارو مسئلو هجي، يا پنجاب ۾ نبيءَ سڳوري جي پيدائش جو اعلان هجي، مولانا حاجي احمد ملاح ان قسم جي هر محاذ تي هڪ سالار واري ڏک ڏيندي، نظر ٿو اچي.

ابوالحسن سنڌي پهريون عالم هو، جنهن 1700عيسوي ۾ قرآن پاڪ جو سنڌيءَ ۾ نثري ترجمو ڪيو هو. اهڙيءَ طرح مولانا حاجي احمد ملاح بہ پهريون شاعر هو، جنهن قرآن مجيد جو ويهين صديءَ ۾ منظوم ترجمو ڪيو. جنهن تي دنيا جي ڪهڙي بہ مسلڪ رکندڙ ڪنهن عالم اعتراض رڪارڊ نہ ڪرايو آهي. اهوئي سبب آهي، جو عرب سرڪار هن وقت تائين پنهنجي خرچ تي مولانا جي قرآن جون لکن جي تعداد ۾ ڪاپيون ڇپرائي، مفت ۾ ورهايون آهن.

ڪي شاعر خاڪي جسم جي فنا ڪانپوءِ ڪلاسيڪيت جي مرحلن مان گذري، ڪنهن مقام تي پهچندا آهن. مولانا حاجي احمد ملاح انهن سرجڻهارن مان هو، جي پنهنجي مقبوليت پنهنجن ڪنن ۾ اکين سان ٻڌي، ڏسي ويا.

اڄ تہ باغن ۾ بهاريون، واهہ قدرت رب ڪريم
واهہ گلزاريون گلن جون، واهہ گولون واهہ، گاهہ
واهہ ساوڪ، واهہ ساريون، واهہ، قدرت رب ڪريم

جرّ منجهان جيئرا بڻائي، ذات مان هر رات ڪي،
صورتون سيئي سونهاريون، واهہ قدرت رب ڪريم.

سنڌ سڏڪي ٿي

# موهن ڪلپنا

موهن ڪلپنا جو موت هڪ وڏي قلمڪار جو موت آهي. خاص ڪري، ڪهاڻي ۽ ناول جي حوالي سان، هڪ مهان ليکڪ جو لاڏاڻو آهي، جنهنجي تخليقي نقصان جي سالن ۽ صدين گذرڻ سان به تلافي ٿيڻ مشڪل آهي. سنڌ ۽ هند جي ادبي دنيا ۾ موهن ڪلپنا هڪ دفعو ٺي اچڻو هو، جيڪو اچي چڪو. سندس وجود جو احساس صدين تائين محسوس ڪيو ويندو. هاڻي اساٺوڻ ٻيو ڪوبه موهن ناهي اچڻو، نه ڪنهن جوڻ ۾ ۽ نه وري ٻئي ڪنهن سايا واري روپ ۾.

موهن هند سنڌ جي ادب تي اڻ مٽ ۽ اڻميٽ ڇاپ ڇڏي ويو آهي. ادب جي تاريخ ڪيس سونهري ورقن ۾ سانڍي رکندي.

ٻن ڪي نند اچي وئي آهي، اهڙي ننڊ جنهن مان اڄ ڏينهن تائين ڪوبه جاڳي نه سگهيو آهي. پر، ها موهن ڪتابن جي ورق ورق تان اسانکي ڏسي پيو. اکيون اکين سان ملائي، موهن مرڪي پيو. سندس چهرو مرڪن سان سجايل آهي. ڪاش، هو سنڌ ۾ هجي ها، سنڌ جي ساون پنن ۾ لپيٽي مٽس گلن جي ورکا ڪري هنڌوري ۾ سمهاري، سنڌ ماتا ڪيس لولين ۽ مورن سان ابدي آرام بخشي ها.

هو هن وقت ڀارت ماتا جي گود ۾ ستو پيو آهي. هر ڌرتيءَ جي مٽيءَ جو رنگ ساڳو ئي ٿيندو آهي، ڀاڻي، ڀاڻي آهي، اهو گنگا جمنا جو هجي يا سنڌوءَ جو، نيل جو هجي يا وولگا جو. ان ڪري موهن ڪلپنا ڌرتيءَ جي رشتي ڪري اسان سان ايندڙ صدين ۾ به گڏ هوندو. ڌرتيءَ جي هڪ ئي ته گود ٿيندي آهي.

موهن ڪلپنا 22 نومبر 1930ع تي ڇنڇر ڏينهن صبوح جو سادي پنجين لڳي ڪوٽڙيءَ ۾ پيدا ٿيو، جنهنکي ورهاڱي ڪانپوءِ لکين سنڌين سان جلاوطن ٿيڻو پيو. سندس شروعاتي زندگيءَ تي ڪارل مارڪس ۽ مهاڀارت جي ليکڪ ويدوياس جو گهرو اثر ٿو ڏسجي.

سيتا سنڌو پوڻ جو سخي جام ڏاتار وڇڙي ويو

# دادا آر- جي آڏواڻي

ممبئيءَ مان هر آچر تي شايع ٿيندڙ سورنهن صفحن تي ڦهليل "هندواسي" اخبار جي 29 آگسٽ 1999ع شماري ۾ دادا آر جي آڏواڻيءَ جي لاڏاڻي جي خبر پڙهي، سر چڪرائجي ويو. ۽ 1990ع ۾ سنڌس ڇانوَ ۾ گهاريل گهڙيون ۽ پرهه جهڙا پل ياد اچڻ لڳا. جڏهن ڪلاسيڪي شاعريءَ جي ٽمورتي: شاهه، سچل، سامي سيمينار ۾ شريڪ ٿي، ممبئي ۾ الهاس نگر ۾ دادا آر جي آڏواڻيءَ جهڙي سخي مرد جي سخاوتن ۽ سنڌس ڳڻن پريون ڳالهيون وڃي ٻڌيون هيم. سچ پڇ، مونکي لس ٻيلي (بلوچستان) جو سخي جام سپڙ، ڪڇ جو سخي حاڪم جادم جکرو، ۽ عرب دنيا جو سخي حاتم ياد اچي ويا هئا. دادا مونکي جادم جکري جنې لقبن جيئن تہ: اَبڙو وڏ وڙو، هالار - ڌڻي، ڏونگر راءِ، ڪڇ - ڌڻي، راهو، جکرو جس ڪرو، جي لائق نظر آيو هو. جنهن جکري لاءِ سهڻي لطيف سر بلاول ۾ هن طرح چيو آهي:

"جيهس ڪونہ جهان ۾، هند، سنڌ سورت هاڻ"

تن ڏينهن واري سيمينار ۾ دادا آر جي آڏواڻي هر بينڪ ۾ مونکي جسماني توڙي روحاني طور شامل اچڻ لڳو هو. ۽ پوءِ مون پنهنجي سفرنامي، "ڏور بہ اوڏا سپرين" ۾ هن طرح لکيو هو:

"جويل آف انڊيا ۽ سن اينڊ سئينڊ هوٽلن جي ست رچي طعامن ۽ سوم رس جي ڍڪڻن اسانجي جسم ۾ ضرور رت - ڦڙا پيدا ڪيا هوندا. "جويل آف انڊيا" هوٽل ۾ مانواري آر جي آڏواڻيءَ اسانجي رات جي ماني موڪلائي هئي، جنهن ۾ سنڌس گهر جا ڀاتي ۽ اسان شريڪ ٿيا هئاسون."

سفرنامي ۾ دادا جو تعارف ڪرائيندي، مون لکيو هو: "آر جي آڏواڻي ڪراچيءَ جو رهواسي هو. ڪراچيءَ ۾ ٽاور ۽ ڪي پي ٽيءَ وٽ تي جيڪو قمر هائوس آهي، سو سنڌن اڏايل آهي. وڻج واپار جي لحاظ کان آڏواڻي صاحب وڏو تجار ۽ ڌن دولت جو مالڪ آهي، جنهن جون هند ۽ آمريڪا ۾ واپار جون

لڳندي آهي، آسمان ۾ به تر تلو مچي ويندو آهي. اهڙو ئي موت هتي سنڌ ۾ پهريائين استاد بخاري، ۽ پوءِ شيخ اياز جو ٿيو هو، ۽ هاڻي تازو اسانجي برک شاعر، محقق ۽ ڏاهي، تنوير عباسيءَ جو ٿيو آهي، جڏهن سنڌ وارن کي ڦاهيءَ جا جهٽڪا محسوس ٿيا ها. موت کي ڏورابيي، يا ميارَ ڏيڻ ڪان ٍوڌيڪ ڪري به ڇا ٿو سگهجي!

موت، پويئي مارَ، مرين بنا موت جي،
ابد جي اوڙاهَ ۾، تو لوڙهين لک، هزار،
سالک، مالک، سوپيا، جوڌا ۽ جهونجهار،
ڪرين وينو ڪيترا، "بيوس" بي اختيار،
توبهه، تابعدار! ڪر ته ڪاٽيارو نه ٿئين.

دادا جي قول ۽ ڪردار تي نظر ٿي وجهجي ته پتو ٿو پوي ته هو انساني بستين جو هڪ ديوتا هو، جو امرت جا ڍڪ پيري، امرتا ماڻي ويو آهي. ڪلا ۽ ساهتيه جي ڦهلاءَ ( Dissemination) لاءِ ستدس خدمتون سنڌ، هند ۽ ٻاهرينءَ دنيا جا ايندڙ نسل به ياد ڪنديَ مجتا ۾ سرخم ڪندا رهندا.

آخر ۾ شاهه لطيف جي سر بلاول جون هينيون سٽون اسان دادا-آر جي آڏواٽيءَ کي پينٽا طور ارپيون ٿا:

جڪرو، جس ڪرو، پيا سپ انيرا،
جيائين جڙيو جڪرو، تيائين نه پيا؟
مٿي تنهن ماڳا، اصل هٿي ايتري.

(جکرو ئي جس جو لائق آهي، ۽ پيا انيراءِ وانگر فقط راجائون آهن (راجا انيراءِ جنهن ٻيجل کي لالچائي، راءِ ڏياچ جو سر وڍايو هو). جهڙيءَ طرح جکرو جڙيو هو، تيئن پيا نه جڙيا هئا. ڇاڪاڻ ته ان هنڌ مٿي ئي ايتري هئي (جنهن مان جکري کي جوڙيو ويو هو).

اسان جو وڏو پاءُ ۽ سالڪ شاعر

# نياز همايوني

تازو 3 جنوري 2003ع تي دل جي دؤري پوڻ سبب اسان جو برڪ شاعر، محقق يوناني ويج، فارسيءَ جو ماهر ۽ ڏاهو نياز همايوني لاڏاڻو ڪري، هڪ اهڙي سفر سڌاڻو، جتان ڪوبه واپس نه وري سگهيو آهي. هو هڪ اعليٰ مزاحمتي شاعر هجڻ سان گڏ، فارسيءَ جو عالم به هو. جنهن جي ترجمي ٿيل ڪتابن ۾ تاريخ جا به ڪتاب "تاريخ مظهرشاهجهاني" ۽ "تاريخ طاهري" به سنڌي ٻوليءَ جو هڪ لازوال سرمايو آهن. منهنجي ڄاڻ موجب، سندس به شعري مجموعا "ڌرتيءَ جا گيت" ۽ "ساٿيھ ۽ سک" به اسان جي لائبريرين جي سونهن بڻيل آهن.

منهنجي دعا سلام ۽ ساڻس پانهن ٻڌڻ جي واٽ سٺ واري ڏهاڪي ۾ خيرپور ميرس ۾ منهنجي ڳوٺائي ڊاڪٽر تنوير عباسيءَ جي گهر تي هئي، جتي ڪڏهن نياز همايوني، رشيد ڀٽي، عطا محمد حامي ۽ عبدالڪريم گدائي ايندا هئا. سچل سرمست جي ميلي جي موقعي تي مشاعرن ۾ ته ملاقاتون ٿينديون ئي ٿينديون هيون. شعر ۽ سخن جا هي چار ئي وڏڙا اسان کان جدا ٿي چڪا آهن. هي اهو زمانو هو، جڏهن تنوير عباسيءَ مونکان منهنجا شعر وٺي "نئين زندگي" رسالي ۾ ڇپجڻ لاءِ عبدالواحد سنڌي ۽ شمشيرالحيدريءَ ڏانهن موڪليا هئا.

جڏهن سرڪار بهادر سائين جي ايم سيد تي ڏاڍ ۽ ڏمر وڌائي ڇڏيو هو، تڏهن سائينءَ "بزمِ صوفياءِ سنڌ" قائم ڪري، ادبي محفلن ۽ مشاعرن ذريعي، سنڌ کي آزاد ڪرائڻ جا پنهنجا پيغام ۽ حڪمت عمليون هن بزم جي پليٽفارم تان ڏيڻ شروع ڪيون هيون. هن ڏس ۾ هن قسم جي هڪ محفل ڪوٽ بنگلي پرسان ٽڪريءَ تي قائم ڪيل درگاهه اين شاهه تي ڪوٺائي وئي هئي، جنهن ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ تنوير عباسيءَ مون تي وڏ ۾ وڏ زور رکيو هو. زور ان ڪري جو مون لاءِ اهو پهريون موقعو هو جو ڪنهن مشاعري ۾ مان

شريڪ ٿيڻو هيس ڇاڪاڻ ته خوف ۽ ڌڙڪ ٿي رهي هئي، ته مان شعر پڙهي به سگهندس، الائي نه! هن مشاعري ۾ نياز همايوني، عبدالڪريم گدائي، ڪامريڊ برڪت علي آزاد ۽ ٻيا به ڪيترائي جهونا شاعر ۽ ڏاها اچي گڏ ٿيا هيا. منهنجو شعر سچو سنڌ ۽ سنڌ جي آزاديءَ بابت هو. ايترو ته داد مليو هو، جو مونکي خبر نه ٿي پئي، ته ماڻهن، خاص ڪري سن جي سائينءَ جي مقرر، مقرر چوڻ تي مونکي ڇا ڪرڻو هو. بس، مون به هٿ ۽ آڱريون ٿي لوڏيون. مان جڏهن اسٽيج تان لٿو هيس، ته محفل جي صدر سائين جي ايم سيد اٿي بيهي مونکي ڳلي لاتو هو ۽ نياز همايونيءَ منهنجي بي نيازيءَ ۽ لاابالپڻي تي مونکي چڱو خاصو ڇيڙايو هو.

نياز همايوني جڏهن سکر کان حيدرآباد لڏي آيو هو، ته اتي به مان وٽس وڃي رهندو هيس. سندس گهر شوقينٽين جي بازار جي پرسان هئڻ ڪري، ان بازار مان ضرور گذرڻو پوندو هو. هڪ ڏينهن جو واقعو هن طرح آهي، جو مون هڪ پاڳن پريءَ کي گراهڪ سان سنڌيءَ ۾ ڳالهائيندي ٻڌي ورتو، بس پوءِ ته مون تي ايڏي غيرت سوار ٿي وئي، جو ان مائيءَ جيءَ در وٽ وڃي ڪيس هبي تبي ڪرڻ لڳس، ته تون سنڌياڻي ٿي ڪري، هتي ڇو اچي ويٺي آهين؟ مائيءَ جڏهن چيو ته هوءَ سنڌ جي نه، پر ڪڇ ڀڄ جي آهي. تڏهن وڃي منهنجي گرمي جهڪي ٿي. ان سڄي تماشي ۾، اسان جو نياز همايوني مونکي سمجهائيندو ۽ ٿهڪ ڏيندو رهيو هو.

مان ڪيترن ئي مشاعرن ۾ نياز همايونيءَ کي ڏٺو، ٻڌو ۽ ساڻس ڪچهريون ڪيون. سنڌ ۾ سنڌيت بابت شعر چوڻ لاءِ مونکي جن اتساهيو هو، انهن ۾ جنهن ترنم ۽ انداز سان نياز همايوني شعر پيش ڪندو هو، اهو ڍنگ ۽ رنگ ڪنهن ٻئي شاعر ۾ اڃان سوڌو پيدا نه ٿي سگهيو آهي. هو جڏهن چوندو هو، ته اي سنڌ امان! مان پلي ته ڌاڪو ۽ چور ٿيان، پر تنهنجو غدار نه ٿيان، يا ترنم ۾ هيءَ غزل چوندو هو: ”جڏهن به سچ ۽ سونهن پڪاريو، اسان جلال ۾ آياسين جنم، جنم ۾ جوڳي ٻڌجي جهنگ سيال ۾ آياسين“، تڏهن سندس مڌر آلاپ سانوڻيءَ واري پوڙ پوڙان لائي ڏيندا هئا.

نياز همايونيءَ سان ڪيل هڪ وڏي ڪچهري به مونکي ياد آهي، جڏهن اسان تنوير عباسيءَ جي شاديءَ ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ بسنت هال، حيدرآباد آيا هئاسون، جتي پهريون دفعو مون ”سانگهڙ“ ناول جي سرجڻهار محمد عثمان ڏيپلائيءَ کي ڏٺو، جو ڪنهن هڪ هنڌ بيهي پليٽ ۾ ڪجهه وجهي کائڻ

بدران، هٿ سان ڪٽو ڪٽو چڪنڊي ٿي وتيو هو. جنهن تي تنوير عباسيءَ، ’نياز همايوني ۽ آسان چڱو خاصو کليا هئاسون.

نياز همايونيءَ سان، منهنجي آخري ملاقات سندس لاڏاڻي ڪان ڪجهه مهينا اڳ، سنڌوءَ ڪناري حسين آباد (حيدرآباد) جي هڪ پارڪ ۾ ٿي هئي، جتي هو پنهنجي ننڍڙي پٽ ڪي ڪيڏائي رهيو هو. ۽ مان آل سنڌ ترقي پسند ملاح تنظيم جي چيئرمين ۽ اسان سمن، تماچين، ڏماچن ۽ ملاحن جي پڳدار محمد عارب ملاح سان گڏ. اتان لانگهائو ٿيو هيس. ڏٺي، شال! ڪيس سنڌ ساٽيهه جي حصي ۾ آيل جنت ۾ شاهه ڀٽائي، شيخ اياز، استاد بخاري ۽ نارائڻ شيام سان ڪچهريون ڪرائي!

سنڌ جي ڪونج

# زرينہ بلوچ

مان پيڻ زرينہ بلوچ جا لوڪ گيت ۽ ڪافيون ان وقت بہ ٻڌندو هيس، جڏهن ريڊيو ڪچ ۾ ڪٽي، هڪ ڳوٺ کان ٻئي ڳوٺ، يا پنهنجي ڳوٺ، درگاهہ پير حيات شاهہ کان ٻنين ڏانهن رخ ڪندو هيس ۽ هاڻي بہ زرينہ بلوچ ڪي وڏي ذوق سان ٻڌندو آهيان. سنديس ڳاتل مذر گيت شام ويلي چڙين جي سر تار تي ڏنارن کان ڳائيندي اڳ بہ ٻڌندو هيس ۽ هاڻي بہ ٻڌي ونندو آهيان. ڪو وقت اهڙو بہ هو، جو اسان پاڻ بہ ڪن تي هٿ رکي، جن فنڪارن ۽ فنڪارائن جا مشهور گيت ڳائيندا هئاسون، انهن ۾ زرينہ بلوچ بہ شال هوندي هئي.

ڪنهن بہ راڳيءَ تي ڳالهائڻ يا لکڻ کان اڳ، منهنجي ذهن ۾ فن ۽ فنڪار بابت ڪيئي سوال ۽ ويچار پيدا ٿيندا آهن. ان فنڪار جي ماضيءَ کان حال تائين واري فن ۾، نرڙ تي هٿ رکي جهاتيءَ پائڻ جي آس پيدا ٿيندي آهي، جنهن ڪري فنڪارن يا ڳائڻن جون هيٺيون حدبنديون مقرر ڪندو آهيان:

(1) فنڪار جو ڪلاسيڪي هئڻ

(2) فنڪار جو ڪلاسيڪي ۽ نيم ڪلاسيڪي هئڻ

(3) فنڪار جو نيم ڪلاسيڪي هئڻ

(4) فنڪار جو نيم ڪلاسيڪي ۽ سڌو سنئون ڳائڻ

(5) فنڪار جو سڌو سنئون يا هلڪو ڦلڪو ڳائڻ

الهڏنو نوناري، استاد منظور علي خان ۽ گلزار علي ڪلاسيڪي موسيقي جا نادر مثال آهن. نيم ڪلاسيڪي ڳائڻ جا نالا وٺڻ سان استاد محمد جمن، عابده پروين، محمد يوسف، برڪت ڀٽ ۽ وحيد علي سامهون اچيو وڃن. سڌي سنئين يا هلڪي ڦلڪي سنڌي ڳائڻ ۾ استاد محمد ابراهيم، ڀڳت موهن لال، نارو ڀڳت، ڍول فقير سينگار علي سليم، فقير امير بخش، زيب النساءَ، رسول بخش ڀٽ، روبينہ ۽ زرينہ بلوچ جا نالا قابلِ ذڪر هجن ٿا.

اسان وٽ قوميءَ ۽ لوڪ گيت اهڙا وڙ ۽ ورجيسون آهن، جن کي ٻڌندي، ڪڏهن ڪڏهن هرويرون بہ وهوا نڪري ويندي آهي. پوءِ ڀلي تہ راڳ يا فن ۾ دم نہ بہ هجي، اسان کي ڏسڻو اهو آهي تہ اسان جنهن فن تي تاڙيون ٿا

وڃايون. ڇا ان مان ڪو سماجي يا ڪو قومي ڪارج سرجي ٿو. يا رڳو هش ۾ خوش آهيون. جيڪو وقت پيا وڃايون. جا نعريبازي پيا ڪيون. ان سان اسان جو ڪو مسئلو بہ حل ٿئي ٿو. يا پاڻيءَ ۾ لٺيون پيا هڻون! فنڪار جي فن ڪي پرکينديٖ، اسان کي اهو بہ ڏسڻو آهي، تہ فنڪار قومي ۽ لوڪ گيتن سان گڏ، راڳ جا بيا وڙ بہ ساڳي خوبيءَ سان ڳائي، داد وٺي ٿو. ماڻهو جهومن ٿا، تاڙيون وڄائي ڪارج يا سڦلتا حاصل ڪن ٿا يا هڪ، هڪ تي اٽندا، ٿا وڃن.

مٿي ذڪر ڪيل خوبين ڪان وڌيڪ پارکوءَ کي هيءَ پرک بہ ڪرڻي آهي، تہ فنڪار، جيڪو بہ اسان ٻڌندڙن کي پيغام ڏئي ٿو، ان پيغام ڪي پاڻ بہ سمجهڻ جو شعور يا سگهہ رکي ٿو يا ميان مٺوءَ وارو ڪو چڪر آهي.

مٿين حقيقتن ۽ راڳ جي رمزن کي ذهن ۾ رکي اسان جيڪڏهن پيڻ زرينہ بلوچ جي فن جي وڏنڪ ڪنداسون، تہ پتو پوندو تہ زرينہ ڪوڙ ساترين خوبين جي مالڪياڻي آهي. هوءَ فن ۾ برابر ياڳياڻي ۽ ياڳوند فنڪاره آهي. هونءَ بہ اسان جڏهن زرينہ جي ماضيءَ تي نظر وجهنداسون تہ خبر پوندي، تہ زرينہ قومي تحريڪن ۾ سرواڻ رهي آهي، جنهن کي هر وقت سڄاڻ ۽ باصلاحيت سنڌياڻي چيو ويو آهي. مجڻو ٿو پوي تہ زرينہ تحريڪن جي قدرن ۽ اهميت کي سمجهڻ جو اوتروئي شعور رکندڙ آهي، جيترو شعور ڪو سڄاڻ اديب رکي ٿو. زرينہ ڪهاڻيڪار بہ آهي تہ استاد سان گڏ، شاعره بہ آهي. اسان تہ ائين بہ چونداسون، تہ زرينہ بلوچ جي هيءَ بہ هڪ خوبي ئي آهي، جو هن اياز لطيف جهڙي سڄاڻ پٽ کي جنم ڏيئي، سنڌ جي گلدستي ۾ هڪ گل جو اضافو ڪيو آهي. انسان جي ڳلي ۾ ٻاويهہ (22) تارون ٿين ٿيون. جن کي موسيقيءَ جي حوالي سان هندي زبان ۾ سرتيون چئبو آهي. هنن تارن مان هوا ۽ ڇرپر جي اصول تي ست سر نڪرن ٿا، جن کي موسيقيءَ ۾ کرج، ريکپ، گنڌار، مڌم، پنجم، ديوت ۽ نکاد چئبو آهي. پيڻ زرينہ جي ڳلي جي سرتين ۾ جا مڌرتا موجود آهي، ان جو ئي نالو سنگيت آهي.

منهنجي سامهون دادو ضلعي جو هڪ سڄاڻ قومي ڪارڪن ۽ سماجي اڳواڻ ويٺو آهي. جو هن وقت اسلام آباد ۾ نوڪري ڪندو آهي، زرينہ تي ڳالهائيندي دوست چوي ٿو، تہ زرينہ بلوچ جهڙيون سريليون فنڪارائون ڪڏهن ڪڏهن پيدا ٿينديون آهن. لوڪ ۽ قومي گيت ڳائي، داد وٺڻ زرينہ جي خاص سڃاڻپ ۽ مٿاهون تعارف آهي، ٻڌندڙن تي وجداني ڪيفيت طاري ڪري ڇڏڻ جو بہ هن ئي فنڪاره کي ڏانءُ ۽ ڏات آهي.

مان هن يارڙي کي ٻڌايان ٿو ته جئين ته زرينه علم سيکاريندڙ استاد آهي، ڪيڏو نه سنو ٿئي ها، جيڪڏهن راڳداريءَ ۾ به زرينه استاد هجي ها. ۽ پوءِ ييمر پلاسي راڳ ڇيڙي آروهي ۽ امروهيءَ جا سر ڄڪتب آڻي، اسان کي ٻڌائڻ لڳي ها، ته ييمر پلاسي ڪافي ٺاٺ جو راڳ آهي، جو آروهيءَ ۾ اوڊو ۽ امروهيءَ ۾ سمپورڻ ٿيندو آهي. هن ۾ وادي سر مڌم ۽ سموادي ڪرج ٿيندو آهي.

پيڻ زرينه هڪ استاد ڳائڻي جي حيثيت ۾ اسان کي اهو به ٻڌائڻ لڳي ها، ته ييمر پلاسيءَ جي لئي تين تال ۽ ڳائڻ جو وقت ٽيپهري هوندو آهي. باجو وڄائي، زرينه اسان کي ٻڌائي ها، ته استائي ۽ انترا ڦلاٽي سر تان ڪڄي، ڦلاٽي سبتڪ جي ڦلاٽي سر تي وڃي ماٺا ٿيندا آهن ۽ ائين ئي راڳ جو پورو روپ نهي راس ٿئي ٿو، وغيره.

سيتا روڊ جو رهواسي قربان بلوچ ٻڌائيتو، ته جيجي زرينه اسان کي اهو ڪجهه ڏنو آهي جو پئي پراٽو نه ٿيندو، هائو، مان به مڃان ٿو، ته سنڌ جي قومي گيتن واري تاريخ ۾ زرينه بلوچ جو ذڪر پهرين باب ۾ روپهري ۽ سونهري اکرن ۾ لکيو ويندو.

اسان 1990ع ۾ شاهه، سچل، سامي سيمينار ۽ انڊو-سنڌ مشاعري ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ سائين ٺاڪر چاولا جي دعوت تي جڏهن ممبئي وياسون، تڏهن هر محفل ۾ پنهنجي فن سان زرينه بلوچ هند جي هزارن سنڌين ۽ سنڌياڻين کي موهي وڌو هو. ياد رهي ته راڳ ويراڳ جون محفلون به سيمينار ۽ مشاعري سان گڏ ٽي ڏينهن رچايون ويون هيون. اديبن ۽ فنڪارن جي هن وفد ۾ شيخ اياز، طارق اشرف، زرينه بلوچ، استاد فيروز گل ۽ مان وڃي شريڪ ٿيا هياسون، اڄ به مان جڏهن ممبئي ۾ رچايل سنڌين جي محفلن جون وڊيو فلمون ڏسندو آهيان ته دل جهومڻ سان گڏ اداس به ٿيڻ لڳندي آهي، جنهنجو ظاهري سبب شيخ اياز، طارق اشرف ۽ استاد فيروز گل جو اسان کان جدا ٿي وڃڻ جو سبب ٿي سگهي ٿو.

اميد آهي ته زرينه جو فني رشتو سنڌ جي ماضي سان ڳنڍير جي ڳنڍين جيان ڳنڍيل رهندو. ايندڙ نسل وارا سنڌس نغما ٻڌي سنڌس يانت يانت جا روپ ۽ مورتيون جوڙيندا. اڄو ته زرينه کي "سنڌ جي ڪونج" سڏي مستقبل قريب ۾ سنڌ جي ڪونج واري سوني تاج پارائڻ جو به انتظام ڪري وٺون. (هي ويچار اڄ کان ڏهاڪو سال اڳ هڪ پرڏيهي ادبي محفل ۾ مون پيش ڪيا هيا.)

young man) ۽ اڄوڪي دؤر ۾ ”Angry old man“ بہ سڏيو آهي، جنهن جو خاص ڪارڻ هري موٽواڻيءَ جي طبيعت يا مزاج ئي ٿي سگهي ٿو.

هري موٽواڻي سنڌيءَ، جي تخليق ڪيل ڪتابن جو هن طرح تفصيل آهي:

(الف) چار ناول: ابو، اڇهو، پاٽيارا پکي ۽ باهر نڪرڻ جو رستو

(ب) پنج ڪهاڻين جا مجموعا: هڪ لهر، ڌرتي، خوددار، اڇا وار ڪارا پنؤر ۽ آزاد فضا ۾.

(ت) جڙيل جن سان جند (سنڌ جو سفرنامو)

ث) آخري پنا (آتم - ڪٿا)

ج) ڪوڙو سچ (ناول) ڇپائيءَ هيٺ

هري موٽواڻيءَ ۽ مون ۾ هڪ ڳالهہ مشترڪ آهي، جا آهي، هري موٽواڻيءَ جي ڪتابن جو تعداد ٻارنهن ۽ منهنجن ٻارن جو بہ تعداد ٻارنهن (12)، هجڻ.

هريءَ جي آتم ڪٿا پڙهي ائين ٿو لڳي، ڄڻ هريءَ سان گڏ اها آتم ڪٿا سنڌي قوم ۽ سنڌ ڌرتيءَ جي بہ آهي. هونءَ بہ هري پنهنجن لکڻين جي حوالي سان ”انا“ يا ”آنءُ پڻي“ جي خول ۾ ڪڏهن بہ بند نہ رهيو آهي. هند توڙي سنڌ ۾ جنهن تي بہ ڏاڍ ۽ ظلم ٿيو آهي: اهو ظلم ۽ ڏاڍ هري موٽواڻيءَ پاڻ تي ئي سمجهيو آهي. اهوئي سبب آهي، جو جلاوطنيءَ ۾ هريءَ جي سنڌ سان پريت ۽ حب الوطني ٿر جي مارئي جهڙي آهي.

هريءَ جي ادبي سفر ۽ هڏڪاڻ جي ڪٿ لڳائبي تہ هري موٽواڻي فرد جون منزلون طئي ڪري، هاڻي اداري (Institution) جي حيثيت ماڻي چڪو آهي. هن ڪونج ذريعي ڪيترن ئي نون ليکڪن ۽ ليکڪائن کي دريافت ڪري، روشنيءَ ۾ آندو آهي، ايتري قدر جو ڪن جهونن اديبن کي بہ اهڙيءَ تہ عمدي رٿابنديءَ (Projection) سان ڇاپيو اٿائين، جو ادب جي دنيا ۾ هن وقت اهي اديب امرتا ماڻي چڪا آهن.

1986ع ۾ هري جڏهن سنڌ - ياترا تي آيو هو، تہ هن طرح سنڌ - ماتا سان عقيدت جو اظهار ڪيو هيائين:

”چاليهن سالن جو اوجاڳو آهي. هاڻ سنڌ - ماتا وٽ آيو آهيان، چاهيانٿو تہ ستو پيو هجان.“

ڪن پبلشرن وانگر هري موتواڻي هند ۾ فليٽ ۽ بنگلا تہ نہ جوڙايا آهن، پر ان جي ابتڙ سنڌس پٽاڙن تي اخبارن، ڪاغذن ۽ ڪونج رسالي جا بنڊل ئي پئي ڏٺا ويا آهن، جن کي هري پنهنجي حقيقي جائداد ڄاڻايو آهي. واقع اهي هٿ حقيقي جائداد ۽ ملڪيت جا مالڪ آهن، جن هٿن علم ۽ شعور جون مشعلون ٻاري، دليون روشن پئي ڪيون آهن. هري موتواڻيءَ جي اهڙن هٿن کي ڏسي، هينئن ئي چئي سگهجي ٿو: " اهي هٿ، جي ڪنهن جي ڪم اچن، يا ڪنهن جي مدد ڪن، اهي هٿ انهن چپن کان وڌيڪ مقدس آهن، جي عبادت ڪن ٿا. "

چرن چنڊن چوٽيون، موڙين مينديءَ ڏار،
جنهن جا پيين پار، سو تہ سات سويرو لنگهيو.

ڪافي:

عمر مون نہ ٿا وسرن، ويڙهيچن جا واڙا،
پچي پور ٿيندئي، ڪنجون ڪرف تاڙا
(حاجي شاهہ)

ڏوهڙو:

ٿر ونو تاڏل ٿي، ونا مينهن ڳڙا،
پوياڙيءَ جو پٽن تي، چونگارين چڙا،
قادر! پيچ ڪڙا، تہ ملان ماروئڙن ڪي.

متين ٻن ڪافين، ڏوهڙن، يڪتاري ۽ ڍولڪ جو سنگم، اسان کي پيٽ شاهہ پهچائي ٿو ڇڏي، جتي لڳي ٿو، ڄڻ لطيف کبڙ هيٺان فقيرن جي وچ ۾ وچايل رلهيءَ ٿي ويٺو آهي، ۽ ڍول فقير سنڌس ڪلام ڳائي رهيو آهي، خاص ڪري، ڪافيءَ جي هر مصرع ۾ "ڪڪا اٿ ڪيچين جا".ڏوهڙي سان شروع ڪرڻ وارو تسلس مجرائي ٿو، تہ برابر موسيقي روح جي غذا آهي. ڍول فقير جهڙا فنڪار، ڪڏهن بہ ناهن مرندا، پر هو مرڻ کي مات ڪرائي، پاڻ "امرتا" جو درجو ماڻي وٺندا آهن.

شري ٺاڪر چاولا پاران ممبئيءَ مان نڪرندڙ ٽماهي مئگزين ”سپون“ جي جنوري، فيبروري، مارچ 2001ع ۾ ڇاٽايل معلومات موجب سرڳواسي گوبند مالهي ڏهن ادبي ۽ ثقافتي سنستائن يا جماعتن جو باني هو. ۽ ڪيس اڻ ڳڻيا ايوارڊ مليا هئا.

ادب ۽ اديب، جي نالي سان گوبند مالهيءَ جي پنجن پاڱن تي مشتمل آتم ڪٿا ڇپيل آهي، جا1987ع ۾ ڳالهيون منهنجي ڳوٺ جون آتم ڪهاڻيءَ کان الڳ آتم ڪهاڻي آهي.

گوبند مالهي ۽ ڪيرت ٻاٻاڻيءَ جي آتم ڪهاڻين جا پنج پاڱا اسان لاءِ بي مثال آتم ڪهاڻين جا نمونا آهن. جي زندگيءَ جي قدم، قدم تي اسانجي رهبري ٿا ڪن؛ تہ ادب، تحقيق ۽ تاليف جي دنيا ۾ ماڻهو لطيف جو ڪاهوڙي بڻجي، ڪيئن تو قطري مان سمنڊ بڻجڻ ڏانهن بہ وک وڌائي .

مان 1990ع ۾ جڏهن ممبئيءَ ويو هيس، تہ مالهي سائين مون تان بہ گهورَ ٿي ويو. شل اسان سنڌين جي امان سانئڻ جي ٻوليءَ جو رشتو اجمير ۽ الهاس نگر ڪان آريجن ۽ اڏيري لال تائين اسان سنڌين کي هڪ ٻئي مالها ۾ پوئيندو رهي، ۽ ائين ڪنهن سنڌيءَ جو من ميرو نہ ٿئي.

اهڙو دعوتنامو اڳواٽ ٺاڪر چاولا صاحب کي مون فئڪس ذريعي موڪلي ڏنو، جو اڪيجنيءَ ۾ سندس هٿن ۾ پهچي ويو. جنهن منهنجي پنهنجي مراسلن بابت ٺاڪر چاولا رات جو فون تي ٻڌايو، ۽ پڻ ڏينهن مونسان رهڻ بابت به آگاهي ڪيائين.

اسان طئي ڪيو، ته 12 فيبروري 2001ع تي اسان ڊاڪٽر اي ڪي پنجواڻيءَ وٽ سندس پارس ميڊيڪل سينٽر ۾ گڏ ٿي، ڏيڍ وڳي منجهند جو وفد جي صورت ۾ ڪراچي ايئرپورٽ تي مهمانن کي رسيو ڪنداسون.

رٿيل پروگرام موجب اسان مان: تاجل بيوس اڪيڊميءَ جو چيئرمين ساجد سومرو، رڪيل مورائي ۽ نصير سومرو پارس ميڊيڪل سينٽر ۾ وڃي گڏ ٿياسون، مگر پنجواڻي صاحب ۽ ڪجهه ٻيا دوست گاڏيءَ سميت غائب هئا، مجبورن اسان ايئرپورٽ روانا ٿياسون، جتي ممبئيءَ کان ايندڙ جهاز ٿورو ليٽ ٿي وڃڻ ڪري، هدايت بلوچ اسانجو سختيءَ سان انتظار ڪري رهيو هو.

اسان هٿن ۾ گلن جا هار جهليل، ٻاهر انتظار ڪيو، ۽ ان وچ ۾ پي آءِ اي ۾ آفيسر جي حيثيت سان ملازمت ڪندڙ شاعر هدايت بلوچ جهاز تائين پهچي، مهمانن جو وڃي آڌرڀاءُ به ڪيو، ته سندن سامان، بنا چڪاس جي ڪين اسان تائين به وٺي آيو، جتي سنڌو ۽ گنگا جي هڪ ٻئي ۾ سمائجي وڃڻ واري نظاري هر ڪنهن ايندڙ ويندڙ کي حيرت ۾ ٿي وڌو. سخي قبول محمد، سجاده نشين درازا شريف پاران سائين جئرام گنگواڻي به مهمانن کي رسيو ڪرڻ لاءِ ايئرپورٽ تي پهتل هو، جتان صلاح مشورو ڪري، قافلي جي صورت ۾ اسان ڊفينس هائوسنگ سوسائٽيءَ ۾ واقع گنگواڻي صاحب جي گهر پهتاسون.

چانهه جا گرم، گرم ڍڪڙا پي، پنجين وڳي، اسان مهمانن کي چوکنڊي تاريخي قبرستان ۽ ڀنڀور جا قديم آثار ڏيکارڻ لاءِ ٻن ڪارين ۾ روانا ٿياسون. اسان سان گڏ، ساجد سومرو، رڪيل مورائي ۽ نصير سومرو به هئا.

چوکنڊي قبرستان گهمي، اسان جڏهن ڀنڀور پهتاسون، ته سج لهي چڪو هو، ۽ ڀنڀور جو ميوزم به بند ٿي چڪو هو. جيئن ته مان اڄ کان سورنهن سال اڳ قديم آثارن جي وزارت ۾ ڊپٽي سيڪريٽري طور ملازمت ڪئي هئي، ان ڪري ميوزم جي ڪيوريٽر محترم خميسي خان مونکي سڃاتي، پنهنجي پوري عملي سان گڏ، مونکي ۽ مهمانن کي جيءَ ۾ جايون ڏنيون، ۽ يڪدم ميوزم کولرائي، نه رڳو مهمانن کي ميوزم گهمايائين، پر

ڪنڊرات ڏيکارڻ ڪانپوءِ ڪرسين تي ويهاري، چانهه ۽ بسڪوٽ بہ اڳيان رکيائين، مهمانن کي اها منجنيق بہ ڏيکاري ويئي، جنهن سان وڏا وڏا پٿر اڇلائي عربن ديبل بندر جو قلعو تباهه ڪيو هو.

واپسيءَ تي رات جي مانيءَ جو انتظام مون وٽ منهنجي گهر ٿيل هو، جتي مهمانن کي ماني کارائي، ٻارڙن سان ريان ڪنيان ڪري، مهمان گنگواڻي صاحب جي گهر روانا ٿي ويا.

13 فيبروري 2001ع تي ٺاڪر چاولا صاحب چيو، تہ هو سڀ ڪان پهريائين رام باغ ۾ پاڪستان چوُنڪ پرسان واقع پنهنجي ٺاڪر نواس(بلڊنگ) ڏسڻ ٿو چاهي. مون کيس ٻڌايو، تہ ورهاڱي ڪانپوءِ رام باغ جي اڳيان "آ" ملائي کيس مسلمان ڪري، "آرام باغ" جو نالو ڏنو ويو آهي. اسان پاڪستان چوُنڪ پهچي، گهٽين جو جائزو وٺڻ لڳاسون. مان هڪ ميمڻ اسٽيٽ ايجنسيءَ واري پيرسن کان بلڊنگ جو اتو پتو پڇڻ لڳس، جنهن ٻڌايو تہ اها بلڊنگ عدنان پلازا جي نالي سان بلڪل موجود آهي.

ميمڻ صاحب پنهنجي آفيس ڇڏي، مونکي بلڊنگ ڏيکارڻ هليو. اسان پري کان ڏنو تہ ٺاڪر چاولا اسان کان اڳ ئي پنهنجي بلڊنگ پاڻ تلاش ڪري، بلڊنگ جي سامهون بيٺو هو. هن بلڊنگ جو ٺاڪر نواس مان نالو بدلائي، شروع ۾ ماهِ رخ پلازا، پوءِ رحمان بلڊنگ، ۽ هن وقت عدنان پلازا نالو رکيو ويو آهي.

ٺاڪر چاولا ۽ پارو چاولا جڏهن پهرينءَ منزل تي پهتا، تہ مهاجر عورتون کين پليڪار ڇٽي، پنهنجي فليٽ ۾ وٺي ويون، جتي اسانکي بہ گهرايو ويو. اهڙيءَ طرح پاسي واري فليٽ جون مايون بہ کين وٺي ويون، جتي مهمانن کي نہ رڳو بسڪوٽ کارايا ويا، پر اسان سان گڏ جي عورتن ۽ ٻارڙن فوٽو بہ ڪڍرايا.

ياد رهي تہ 1948ع ۾ ٺاڪر چاولا وارن تي مهاجرن جڏهن حملو ڪيو هو، تہ سامهون رهندڙ سنڌين کين بچايو هو. زخمن جا اهي نشان اڄ بہ ٺاڪر چاولا جي ڇهري تي موجود آهن. ٺاڪر چاولا بعد ۾ ٻڌايو تہ کيس زخمن جو ڪو بہ افسوس ڪونهي، افسوس فقط حملي وقت ڪٽرڪين جي انهن شيشن جو آهي، جن جي ٿيونجاهه سال گذرڻ ڪانپوءِ بہ مرمت نہ ڪئي ويئي آهي. هن بلڊنگ جو سؤدو هڪ مسلمان سان ست لک روپين ۾ طئي ٿيو هو، مگر سرڪاري طور هندن جي ملڪيت جي وڪري تي پابندي لڳڻ ڪري، هن ويهن

جوڙيل گيت "هر، هر پيا هٿڙن مان پڳل گرهه ڪرن ٿا، محبوب اچن ٿا" پڙهي، خوب داد حاصل ڪيو. ان ڪانپوءِ ٺاڪر چاولا صاحب ڪي سنڌ ۽ هند بابت ويچارن ونڊڻ لاءِ چيو ويو، جنهن سنڌ جي ساروٽين سان گڏ، ڀارت ۾ سنڌي ادب ۽ زبان کي وڌائڻ ويجهائڻ لاءِ ڪيل عملي سرگرمين جو تفصيل سان دل کولي جائزو پيش ڪيو.

محفل جي ٻئي حصي ۾ فقير ثـابت علي جتوئي، سچڻ علي محمد سرمستاڻي، فقير غـلام حيدر، بيـدل مسرور ۽ پارو چـاولا راڳ پيش ڪري، حاضرين کان خوب داد حاصل ڪيو. ان وقت محفل جو عجيب دکدائڪ منظر هو، جڏهن سچل سرمست جي ڪافي "حال تہ منهنجو ڪونہ هو جيڏيون، پنهنجو ڪرم ڪيائون" ٻڌائيندي، پارو چاولا جي دل ڀرجي آئي، ۽ روئي ڏنائين.

محفل جي پڄاڻيءَ ڪانپوءِ رات جي ماني ۽ پاڻيءَ جو انتظام منهنجي چاچي غلام مرتضيٰ لاشاريءَ جي گهر ٿيل هو، جتي رات جو ڪافي دير تائين ڪکي نورجهان ۽ سنديس نياڻين سان مهمان روح ريجهائيندا رهيا.

14 فيبروري 2001ع تي منجهند جي ماني گنگواڻي صاحب وٽ کائي، اسان ٺٽي مان ٿيندا، ڪينجهر ڪناري پڳاسون، جتي مهمانن کي ٻيڙيءَ ۾ ويهاري، ڪينجهر جو سئر ڪرايوسون، ۽ مون لطيف جو هيءُ بيت جهونگاريو:

هيٺ جر، مٿي مجر، پاسي ۾ وڙاهـــ،
اڇي وڃــــي وچ ۾، تمــاچيءَ جــي ســاءِ،
لڱي اتـر واءُ، تـہ ڪينجهـر هنـدورو ٿئـي.

بس پوءِ تہ پارو چاولا ۽ مون واري، واري سان لطيف جي سر ڪاموڏ جا بيت پڙهي، ڪينجهر جي ڇولين جي ورق گرداني ڪندا، اڇي ڪنڌيءَ تي لٿاسون.

15 فيبروري 2001ع تي مهمان هوائي جهاز ذريعي سکر روانا ٿي ويا، ۽ اتين سخي قبول محمد، سجاده نشين درازا شريف جي سنگ ۾ مهمان درازا ياترا، سکر وٽان سنڌو درياهہ، راڻي پور واري جڳهہ، منڇر، سيوهڻ (پارو چاولا جو شهر) سنڌي لئنگيوئيج اٿارٽي ۽ ڀٽ شاهہ تان پيرو ڪندا، واپس ڪراچيءَ پهچي ويا، جن سان سنڌي ادبي سنگت ڪراچيءَ پاران رمپا پلازا ۾ واقع سگا جي آڊيٽوريم ۾ گوبند مالهيءَ جي حوالي سان، هڪ عاليشان

سنڌس نثري شهپارا مٿي بيان ڪيل وڙن ۾ ورجيسن سان مالامال آهن. سنڌس ذات ۾ ڏانوَ مان سرجيل ادب نه رڳو معروضي (Objective) آهي، پر آفاقي (Universal) به آهي.

هيءَ ليکڪ ڪجهه وقت خاموش رهي، ادبي افق تي اڻيئن اوچتو ظاهر ٿيندو آهي، جيئن ڪا پيڙي چڪڻ جي چپيٽن مان بچي، لڙهي لهنواري تي اوچتو سيرَ اڪرندي نظر ايندي آهي، جنهن ڪانپوءِ پيڙيءَ جي ناڪئي نگهبان سان گڏ سڪاڻي ۾ وانجهين جو قد پنهنجي اصل قد کان وڏو لڳندو آهي.

سُرن جي مٽيءَ مان ڳوهيل فنڪار

# علڻ فقير

قديم زماني کان عرب ملڪن ۾ دف وڄايو وڃي ٿو، جو دهل ۽ نغاري جي حوالي سان ساز ۾ شماريو ٿو وڃي. اڄ بہ عرب ملڪ جا اوٺار (ساربان) صحرائي سفر ۾ اٺ تي لانگ ورائي راتين جون راتيون راڳ آلاپيندا رهن ٿا. جنهن ڪري، سندن اٺ بنا ٿڪاوٽ جي، اڄ، بڪ کان بي نياز سفر ڪندا رهن ٿا. سنڌ جي ڪاڇي ڪوهستان ۽ ٿر علائقن ۾ بہ بار برداريءَ جو اهو سلسلو صدين کان رهيو آهي ۽ زراعتي سماج ڪري، اجان بہ جاري آهي. تاريخ ٻڌائي ٿي تہ ارغونن ۽ ترخانن جي تسلط وقت ۽ ٺٽي ۽ ٻين شهرن مان سآمان سان اٺ لڏي، گجرات ۽ ڪانياواڙ تائين ويندا هئا، جنهن سفر ۾ اوٺي ڪن تي هٿ رکي، لوڪ گيت آلاپيندا هئا.

موسيقيءَ جي سرن ۽ آلاپن ثابت ڪيو آهي تہ موسيقي واقعي روح جي غذا آهي، بيشڪ سر ۽ آلاپ انسان جي اندر ۾ تازگي ۽ توانائي ٿا پيدا ڪن. اها موسيقي ئي آهي، جنهن جي ٻڌڻ سان هڪ انسان لاءِ ٻئي انسان جي دل ۾ درد ٿو پيدا ٿئي. اهو ئي سبب اهي جو موسيقي هر طبقي جي ماڻهن وٽ ڪنهن نہ ڪنهن روپ ۽ رنگ ۾ جائز آهي. ڏٺو وڃي تہ سنڌوءَ جي ٻنهي ڪنارن تي آباد بستين ۾صوفين ۽ ويدانتي مسلڪ وارن موسيقيءَ جي سرپرستي بہ ڪئي آهي، جن ۾ شاهہ، سچل، مصري شاهہ، ولي محمد خان لغاري، مهدي شاهہ، سلطان باهو، بلي شاهہ، لال حسين ميان محمد بخش، خواجہ غلام فريد، بيدل، بيڪس ۽ مخدوم طالب المولیٰ بہ شامل آهن.

تاريخ ٻڌائي ٿي تہ هتي ننڍي کنڊ ۾ ڪو وقت اهڙو بہ آيو آهي، جڏهن هندو فنڪارن ۽ سرپرستن، مسلمان فنڪارن جي معاشي بدحالي ڏسي سندن هڙئون وڙئون مدد پئي ڪئي هئي. اهڙيءَ طرح هندو فنڪارن ڪنهن نہ ڪنهن طريقي سان موسيقيءَ کي زنده رکي پاڻ ڏانهن منتقل ڪيو. اڄ بہ هندستان جي ڪلڪتي شهر ۾ رابندر ناٿ ٽئگور جي قائم ڪيل "شانتي نڪيتن" نالي موسيقيءَ جي يونيورسٽي موجود آهي. اسان کي تاريخ اهو بہ ٻڌائي ٿي تہ ماتا

۽ ارڙيءَ ۾ ورتل ٻارڙن لاءِ سنڌ جون مائرون ڀڳت ڪنور رام ڪان لوليون ڳارائينديون هيون، جنهن لوڪ رنگ ۾ اسان جو علڻ فقير بہ هڪ وڏو نالو آهي.

علڻ فقير 1932ع ۾ سنڌ جي آمري ڳوٺ ۾ مڱڻهار قبيلي ۾ جنم ورتو، ننڍي هوندي کان ونئي ڪڙيءَ رسڻ تائين ريل گاڏين ۾ خوشيءَ جي ميڙاڪن ۾ ڳائي سنڌ جي ماڻهن جون دليون خوش ڪندو هو. 1970ع ۾ ريڊيو، 1971ع ۾ ٽي ويءَ تان سندس آواز گونجڻ لڳو، شهيد ڀٽي جي حڪومت ۾ اسلامي سربراهي ڪانفرنس ۾ ڳائڻ سان هو شهرت جي بلندين تي پهچي ويو، جنهن ڪانپوءِ 1978ع ۾ کيس سنڌالاجيءَ ۾ ملازمت ملي.

علڻ فقير وٽ هڪ الستي آواز هو، جنهن مان سنڌ جي مٽيءَ جي ڀيني خوشبوءِ ايندي هئي، سچ پچ هو جڙيل ٿي سرن سان ڳوتل مٽيءَ مان هو. لطيف جي واين کي هو لطيفي انداز ۾ ڳائيندو هو. سندس الو ۾ ڪن فيڪوني ڪيفيت هئي، جا مئل دلين کي جيئرو ڪرڻ وارو مسيحائي اثر رکندي هئي. نہ رڳو ايترو پر علڻ فقير ساز ۽ آواز جي دنيا جو هڪ اهو سفير هو، جنهن سنڌي زبان ۽ سنڌي ثقافت کيُ دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ اجاگر ڪرڻ ۾ ڪابہ ڪسر نہ ڇڏي. علڻ فقير ان موتين مالها ۾ پوتل هڪ موتي هو، جنهن مالها ۾ موهن ڀڳت، مائي ڀاڳي، ڊول فقير، فقير عبدالغفور، حسين بخش خادم، مصري فقير، سينگار علي سليم، سهراب فقير، موٺڻ شاهہ، زرينہ بلوچ ۽ جلال چانڊيو پوتل آهن. الائي تہ ڪهڙو واءُ وريو آهي، جو ان موتين مالها مان ڪي موتي وڃن ٿا ڳر ٿيندا.

اخباري حوالن مان خبر ٿي پوي تہ علڻ فقير فالج جي موذي مرض ڪري ستن ڏينهن تائين تڙپندو رهيو، پر ڪنهن بہ سندس پرگهور نہ لڌي. سندس اوڙي پاڙي چڻ ماٺ جو روزو رکيو هو. فالج جهڙي حملي ۾ علڻ فقير کي فقط تيل جي مالش ٿيندي رهي، ۽ بس. سنڌ حڪومت جي صاحبن علڻ جي ان وقت سار لڌي جڏهن علڻ فقير جو ساهہ لِڪيءَ ويجهو اچي چڪو هو ۽ سندس ڪمزور ٽنگون قبر ۾ لٽڪيل نظر اچي رهيو هيون. الائي تہ ڇو اسان وٽ اهڙي روايت جو بنياد وڌو ويو آهي جو چور جڏهن گهر ٻهاري روانا ٿا ٿي وڃن، تڏهن وارو ڙي وارو ڪئي ٿي وڃي! هوڏانهن اسپتال ۾ بہ مريض کي ان وقت داخل ڪيو ٿو وڃي، جڏهن مريض اکيون بند ٿو ڪري، تہ وري نہ کولي.

علڻ فقير جڏهن ٽي ريڊيو ۽ ٽيليويزن تي پهتو، تہ اسان جي ملاقات بار، بار ٿيڻ لڳي. ڪڏهن ٽيليويزن اسٽيشن تي تہ ڪڏهن ريڊيئي تي. اسان جو گهڻو ملڻ ممتاز مرزا جي آفيس ۾ ٿيندو هو. هڪ دفعي مون کي پاڪر پائي شهپرن تي هٿ هڻي مون کان پهرئين ٿي جملي ۾ پڇيائين تہ تاجل! ٻڌاءِ تہ مان ڪئين ٿو ڳايان؟ سوال ٻڌي مان هڪو ٻڪو ٿي ويس، ۽ سوچڻ لڳس تہ هن وقت اهڙي سوال پڇڻ جي علڻ فقير کي الائي تہ ڪهڙي ضرورت پئي آ، سو بہ ممتاز مرزا جي سامهون، جنهن جي اسان وڏ ۾ وڏ عزت ڪندا هئاسون. مون جواب ڏنو تہ علڻ فقير جهڙو سنڌ ۾ فنڪار هڪ دفعو ٿي پيدا ٿيندو آهي، علڻ فقير کي منهنجي جواب تي مزو نہ آيو. وري چيم تہ علڻ فقير جهڙا فنڪار صدين کان پوءِ پيدا ٿيندا آهن. چيائين تہ اٿين تہ تڏهن چيو ويندو آهي، جڏهن فنڪار مري ويندو آهي. مون سوچيو تہ ڪهڙي قسم جي شاعري ڪجي، جو نانگ بہ مري ۽ لٺ بہ بچائجي. چيم تہ "جڏهن علڻ فقير ڳائيندو آهي تہ پوري محفل کي لطيف سرڪار جي دربار ۾ پهچائي ڇڏيندو آهي."

ممتاز مرزا مونڏانهن ڏسي مرڪيو ۽ اٿين فيروزالدين (موسيقار) بہ ڪمري ۾ پهچي ويو. شعر جو ٻيو بند هن طرح پڙهيم تہ: "جڏهن علڻ فقير ڳائيندو آهي تہ ڪڏهن ڪڏهن لطيف سرڪار پاڻ محفل ۾ هلي ايندا آهن ۽ علڻ فقير اجرڪ پٽاري، لطيف سائينءَ جا هٿ چمي، لطيف سرڪار کي اجرڪ تي وهاري، وري بہ شاهہ جي وائي لطيفي انداز ۾ ڳائڻ لڳندو آهي."

منهنجو جواب ٻڌي، علڻ فقير جي اکين ۾ ڳوڙهن جو درياهہ ڇلڪڻ لڳو هو.

ويهين صديءَ ۾ اسان کان وڇڙي ويل استاد منظور علي خان، گلزار علي خان، وحيد علي، حسين بخش خادم، مصري فقير، موهن ڀڳت، مائي ڀاڳي، ڀڳت ڪنور رام، شيخ اياز، استاد بخاري ۽ نارائڻ شيام، ادب ۽ سنگيت جي دنيا ۾ وڏا نالا هئا ۽ رهندا. سندن موت کي اسان ويهين صديءَ جا وڏا موت چئي سگهون ٿا. ايئن صوفي علڻ فقير جو موت بہ ايڪيهين صديءَ جو وڏو موت آهي. اهڙي هاجي لاءِ شاهہ عبداللطيف ڀٽائي چوي ٿو:

گـل چنـو گرنـار جـو، پٽـڻ ٿيـون پٽيـن،
سهسـين سـورٺ جهڙيـون، اُپيـون اوسـارين،
چوٽـا چـارڻ هـٿ ۾، سـر سـينگاريو ڏيـن،
نـاريون نـاڏ ڪريـن، راجـا رات رمڳيـو.

واويلا وٺڪار

# طارق اشرف

طارق اشرف جي موت جو ٻڌي، مونکي ڦاھيءَ جو جھٽڪو لڳو ھو، پيرن ھيٺان ڌرتي کسڪندي محسوس ڪئي ھيم. مونکي پنوارٿيون اچڻ لڳيون ھيون. اجان ھڪ ڏينھن اڳ تہ لاڳيتو ٽي ڪلاڪ ڪچھري ڪئي ھئي شون. طارق اشرف چانھہ تہ پئندوئي ڪونہ ھو، چيومانس: طارق! تڏي پاڻيءَ پيارڻ يا ماني کارائڻ ڪانسواءِ اچ ڪونہ ڇڏيندوسانءِ. ان وقت سنگم پبليڪيشن جو سرواڻ ڪرم الاهي چنا- بہ وينو ھو. طارق انڪار ڪرڻ لڳو، چيومانس تہ مانيءَ کي ڇڏ، تون رڳو تڏي پيئڻ لاءِ ھاٺوڪر تہ پيپسي ڪولا گھرايون. ھاءِ بلڊ پريشر جي تڪليف ڪري ۽ ڪجھہ وشنو ھٽڻ ڪري، طارق ڏاڍو صفائي پسند ۽ گھر کان ٻاھر کاڌي پيتي ۾ محتاط لڳندو ھو. عام ماڻھن وانگر ھوٽلن ۾ يا ڪنھن دوست وٽ ڪنھن بہ شيءِ جي ويجھو نہ وڃڻ وارو، طارق، اڄ مون وٽ تڏي پيئڻ لاءِ ھاٺوڪار ڪئي ھئي. نائب قاصد کي ٽن بوتلن گھرائڻ جو اشارو ڪيم. طارق چيو: ٽي بوتلون تہ اسان پيئنداسين تاجل ! تون ڇا پيئندين؟ تون نہ پيئندين تہ اسان بہ ڪونہ پيئنداسون. طارق جي اسرار تي چار بوتلون گھرايم ۽ دستور موجب پاڻ واري بوتل مان ڪجھہ ڊڪڙا گلاس ۾ اوتي، باقي بوتل نائب قاصد کي موٽائي ڏنم.

بوتلون واپرائيندي، ڪرم الاهي چنا طارق اشرف کي ھلڪڙن لفظن ۾ شڪايت ڪئي تہ تاجل کي سمجھايو جو ھن دفعي پارت وارو سفرنامو سنگم پبليڪيشن جي پليٽفارم تان نٿو ڇپرائي، جڏھن تہ ھن کان اڳ تاجل جو ھر ڪتاب سنگم ڇپايو آھي. طارق جھيڻي آواز ۾ جواب ڏنو تہ اھو تاجل ۽ سنگم جو ذاتي مسئلو آھي، ھو تاجل کي ڇاتو چئي سگھي؟

طارق کي ٻڌايم تہ مان سنگم ۽ ڪرم الاهيءَ جو نہ رڳو ٿورائتو آھيان، پر سنگم لاءِ ھر قسم جو احترام بہ آھي، جنھن لڳاتار منھنجا (6) ڇھہ ڪتاب

جو وڻ ڪيترن ئي ڇتن ۽ پوٽن ڪي پاڪر ۾ جهليو بيٺو هوندو آهي. ڇرچو سمجهي، لڳايل ان تهمت کي مون پنهنجيءَ تي اڃلائي ڇڏيو هو.

طارق مونکي ايترو ته ويجهو سمجهڻ لڳو هو. جو سهڻيءَ ۾ ڇپجندڙ شاعريءَ وارو سيڪشن طارق منهنجي حوالي ڪري ڇڏيو هو. هڪ دفعي سچا سارا به بنڊل شاعريءَ جا منهنجي حوالي ڪيائين، جن مان معياري شاعري، خاص ڪري نئين ٿهيءَ جي تخليقن جي چونڊ ڪرڻ. مون لاءِ مسئلو ٿي پيو هو. مونکي اجازت هوندي هئي ته يونيورسل وارن وٽان ڪمپوز ٿيل مواد حاصل ڪري، پروف ريڊنگ ڪانپوءِ سڄو سنئون ڪين ئي پهچرايان.

رات جو ساڍي ڏهين وڳي ڏاران مانواري علي احمد بروهيءَ جو فون آيو ته طارق اشرف دل جي ٽنٽڻ ڪري پرنس ڪامپليڪس واري فليٽ ۾ لاڏاڻو ڪري ويو آهي. ان وقت مان گهر ۾ موجود ڪونه هئس. ٿوري جهٽ ڪانپوءِ مان جيئن ئي گهر پهتس ته منهنجو پٽ سليم دروازي تي بيٺو هو. جنهن ٻڌايو ته بابا، اڄ اوهان لاءِ ڏاڍي صدمي واري خبر آهي. بس، پوءِ ته سڄو سنئون پنهنجي دلگهرئي دوست انعام شيخ وٽ هليو ويس، جيڪو منهنجي پرسان معمار ڪمپليڪس ۾ رهندو آهي، جتان پوءِ اڌ ڪلاڪ اندر بروهي صاحب وٽ پهتاسون ۽ ائين اچي طارق جي ٿڌي ٿي ويل لاش تي به ڳوڙها ڳاڙياسين. ان ڪانسواءِ وڌيڪ ڪريٰ به ڇا ٿي سگهياسون! اهو طارق اشرف جو به ڪلاڪ اڳ انعام شيخ سان ڪچهري ڪري، پرنس ڪمپليڪس پهتو هو. بروهي صاحب سان گڏ "جاڳو" اخبار جو سرواڻ ف م لاشاري به موجود هئو. طارق جو گهريلو نوڪر ڪکو غلام الرسول پنهور به هيو، جيڪو ڪنهن ضروري ڪم سانگي طارق سان ملڻ لاءِ حيدرآباد کان آيو هو، جنهن طارق سان نه ملي سگهڻ ڪري، مون وٽ ئي طارق لاءِ انتظار ڪرڻ مناسب سمجهيو هو.

هند ۾ طارق اشرف جو بحيثيت ڪهاڻيڪار ٽوڙي سهڻيءَ جي حوالي سان ڊاڪو جميل ڏنم. شاهه، سچل، سامي سيمينار ۾ "شاهه بابت ڪجهه اهم ڳالهيون" جي عنوان سان طارق جي پڙهيل مقالي تي ايترو ته ڳالهايو ويو هو جو منهنجي خيال مطابق اهڙو بحث مباحثو ٻئي ڪنهن جي به مقالي تي نه ٿيو هو.

منهنجي ڄاڻ مطابق هن وقت تائين طارق جا جيڪي ڪتاب پڙهندڙن تائين پهتا آهن. انهن جو وچور هن ريت آهي: سونهن، پٿر ۽ پيار، جيل گهاريم جن سان، جيل ۾ ٻاويهه مهينا (به حصا) اڌ ملاقات، زندگيءَ جو تنها مسافر، ميرُو ڏاڙيل، هٿين هٿ ڪڙول، انٽرويو ۽ درد جا ڏينهن ۽ درد جون راتيون.

لاڙيچيءَ مالها جو موتيءَ داڻو

# محمد خان مجيدي

محمد خان مجيدي سنڌ جي آڱرين تي ڳڻجندڙ انهن شاعرن ۾ شامل آهي، جن جو وڏي ۾ وڏو آدرش سنڌ ۽ سنڌيت رهيو آهي. عبدالڪريم گدائي، سرويچ سجاولي، ابراهيم منشي، زخمي چانڊيئي ۽ سرڪش سنڌيءَ وانگر، مجيدي صاحب به مزاحمتي شاعرن جو سرواڻ آهي، ته زمين جي جنهن خطي ۾ حق تلفيون ۽ حقن جي لتاڙ ٿيندي هجي، اتي مزاحمتي شاعري محمد خان مجيديءَ جهڙي شاعر جي سيني تي ڏڀن ۽ ڪانڊيرن جيان ڦٽي پوڻ لازمي امر آهي. جا حالت شاعر جي ننڊ ڦٽائي ڇڏيندي آهي.

محمد خان مجيديءَ پنهنجي سڄي زندگي سنڌ ۽ سنڌيت جي خدمت ۾ گذاري. هن پنهنجيءَ ماتا سانئڻ جي رکيل پوري نالي محمد خان مجيديءَ کي ادبي نالي طور ڪم آندو.

پاڻ ذات جو جتوئي بلوچ ۽ سندس جنم ميرانپور (جهوڪ شريف) جي لڳ، ڳوٺ قيصر خان جتوئيءَ ۾ سال 1918ع ۾ ٿيو. شاعريءَ جي شروعات 1938ع ۾ ڪيائين. سندس پيٽ گذاري جو ذريعو تعليم کاتي ۾ استاد هجڻ رهيو.

روزانه هلال پاڪستان ۽ سندس شعري مجعموعي ”متي منهنجي متي آهي“ موجب محمد خان مجيديءَ جو پهريون مجموعو ”سنڌڙي ۽ ان جون ذاتيون“ 1962ع ۾ ڇپيو. عجيب اتفاق نه، پر هڪ سنو سنوڻ ڄڻبو ته محمد خان مجيديءَ جون پنج ڳالهيون منهنجي زندگيءَ جي سفر سان ملن جلن ٿيون. هونءَ به وڏڙن جي پيرن جا نشان وٺي هلڻ، خوشقسمتي سمجهڻ گهرجي. اهڙن پنجن حقيقتن مان هڪ جتوئي ذات آهي. جو منهنجو ادبي استاد ۽ رهبر استاد حڪيم الله آندو ذات جو جتوئي هو. ننڍپڻ ۾ ويهين صديءَ جي چاليهين ڏهاڪي ۾، جنهن مسجد جي پيش امام پهريون ديني سبق ڏنو هو، ان جو نالو محمد خان هو. ٽين هڪ جهڙي ڳالهه استاد يا ماستر هجڻ آهي. جو مئٽرڪ

پاس ڪرڻ کانپوءِ پهريون پيرو نوڪري مونکي انگريزي ماستري ملي هئي، پوءِ ستن اٺن سالن کانپوءِ فيڊرل پبلڪ سروس ڪميشن جي چونڊجڻ سان سائيڪل (ڪل گهوڙو) ڇڏڻو پيو هو. چوٿين ڳالهه سال 1938ع جو آهي، جڏهن مجيدي صاحب شعر چوڻ جي شروعات ڪئي هئي، جو سال منهنجي جنم جو سال آهي.

آخري ملندڙ جلندڙ حقيقت 1962ع واري سال جي آهي، جنهن ۾ مجيدي صاحب جو پهريون شعري مجموعو ڇپيو هو. ۽ منهنجي هٿن ۽ پيرن کي ان سال مينڌي لڳي هئي.

انٽيهن سالن جي وڏي وٿيءَ، کانپوءِ مجيدي صاحب جو ٻيو شعري مجموعو ”مٽي منهنجي مٽي آهي“ جي نالي سان 400 صفحن تي ڦهليل هئڻ جي ڪري چڱو خاصو ضخيم مجموعو آهي. جنهن ۾ اعليٰ قسم جا قومي نظم آهن. ٻڌايو وڃي ٿو، ته ”ملهه مهانگا ماڻهو“ ۽ ”ساڍي ست ورهي“ اڻ ڇپيل مجموعا به مجيدي صاحب پنيان ڇڏي ويو آهي.

مجيدي صاحب پنهنجي چار ڇمار سنڌ ساڻيهه کي اربي ڇڏي هئي، جنهن لاءِ سنڌ جي هر ڳوٺ ۽ ماڳ مڪان کي هو پنهنجو ئي سمجهندو هو. سندس شاعريءَ ۾ سماجي ڪارج پلئون پل آهي. اسان مڃون ٿا، ته سندس شاعري سماجي، معاشي، اصلاحي، سياسي ۽ سائنسداني ۽ تبديلين يا انقلاب لاءِ رچيل آهي. ان ڪري، يورپي ملڪن جي مڃتا موجب، اسان جو مجيدي صاحب بيشڪ وقت جي سائنسدانن حڪمرانن جو نقيب يا رهنما ثابت ٿي سگهي ٿو.

ڪن شاعرن ۾ ڪي خاص خوبيون يا خاميون گهر ڪري ويندڙيون آهن، ڪي شاعر اهڙا به ٿي گذريا آهن، جي مهمان يا ملاقاتيءَ کي دروازي تان ئي موٽائي ڇڏيندا آهن، ته وري ڪي زبان جي پاڪائي ۽ مناڻ ۾ گار گند وارو زهر ملائي، زبان کي سينواريندا رهندا آهن! ان جي ابتڙ، محمد خان مجيديءَ ۾ هيٺيون مثالي خوبيون ملن ٿيون، جن کي اسان نه رڳو ياد ڪندا رهنداسون، پر اهڙين خوبين تي عمل به ڪندارهنداسون.

(1) هو جڏهن به ڪنهن نئين شاعر سان ملندو هو، ته خوشيءَ جي اظهار سان گڏ، موقعو ڪڍي ان شاعر جي مائٽن سان ملي، کين چوندو هو، ته اوهان کي لک لک مبارڪون هجن، جو اوهان وٽ شاعر پيدا ٿيو آهي.

(2) ادبي حلقن ۾ مشهور آهي، ته شعوري توڙي لاشعوري طور، مجيدي صاحب ڪڏهن به ڪوڙ نه ڳالهايو.

سُر جو سفير ۽ لياريءَ جو لال

# عبدالله ڪيچي

عبدالله ڪيچيءَ سان منهنجي دعا سلام هتي ڪراچيءَ ۾ ريڊيو ۽ ٽي ويءَ تان ٿيندي، وچي شير شاهه ۾ واقع گراموفون ڪمپنيءَ (E.M.I) جي رڪارڊنگ تي پهتي. مون اهي رڪارڊ سنڀالي رکيا آهن، جي نه فقط عبدالله ڪيچيءَ جي آواز ۾ آهن، پر استاد محمد جمن، استاد محمد يوسف، مصري فقير، عذرا رياض، عابده پروين، فقير عبدالغفور، گلشن علي زنگيجي، انور وسطڙي، فوٽي زرداري، غلام الرسول لوهار، سيد سليمان شاهه ۽ عبدالله پنهور جي مڌر ۽ الهامي آوازن ۾ مون وٽ موجود آهن. اهي رڪارڊ منهنجي زندگيءَ جو اڻ ملهيو سرمايو آهن، جن کي رڪارڊ پليئر تي وڄائي، جڏهن ٻڌي ياد تازي ڪندو آهيان، ته لڳندو آهي، ڄڻ عبادت ڪري، دعا گهرڻ لڳو آهيان.

عبدالله ڪيچيءَ جي آواز ۾ مون وٽ ٻن رڪارڊن جو هڪ، هڪ پاسو آهي، جي آهن:

"ڄام تماچي آيو، مهاڻن جي ماڳ تي"

۽ ٻيو آهي:

"جهليو ڪين جيڏيون، گهڙان پاڻ گهوري"

رڪارڊن تي 1976ع سال لکيل آهي، ۽ ان کان اڳ 1975ع ۾ اي ايم آءِ وارن هن ئي بستيءَ ۾ رهندڙ عبدالله پنهور جي آواز ۾ منهنجا هينيان ڪلام رڪارڊ ڪيا هئا:

"لاهيان ڪيئن لڱن تان، عمر! لال لوئي"

۽ ٻيو ڪلام آهي:

"اديون! رات انڌا، اتاري هليا ويا"

عبدالله ڪيچي ڪڏهن، ڪڏهن پاڻ قرب جا قدم ڀري، مون وٽ گارڊن روڊ تي واقع منهنجي سرڪاري گهر ايندو هو. ته ڪڏهن گبول پارڪ پرسان

استاد محمد جمن جو جواب ڀڄي، ان پنڊت استاد جمن واري ٺٺي انداز سان ساٿس تاڙو ملايو هو.

ڏنو ويو آهي تہ ريڊيو ڪراچيءَ تان ڪيترا رڪارڊ ڪرايل ڪلام گم ٿيندا پيا وڃن، جن ۾ منهنجا بہ اڪيچار گيت ۽ ڪافيون شامل آهن.

منهنجا ڪلام نہ رڳو اي ايم آءِ ڪمپنيءَ ۾ عبدالله ڪيڇيءَ جي آواز ۾ رڪارڊ ٿيا هئا، پر ريڊيو تي بہ ساڳن ٺي آوازن ۾ رڪارڊ ڪيا ويا هئا. ڪڏهن، ڪڏهن عبدالله ڪيڇيءَ جي آواز ۾ پياري نور محمد بالا جو ڪلام: . مقدر سان مليو مونکي، منو منتار محفل ۾" ٻڌي وڻندو آهيان، ۽ هان ڪڏهن، ڪڏهن عبدالله پنهور جي درديلي آواز ۾ "مونکي ماروئڙن جون ڳالهيون ياد پون" بہ ٻڌندا آهيون.

عبدالله ڪيڇي پنيان ست پٽ ۽ ٽي نياڻيون ڇڏيون آهن، جن مان عبدالله جي زندگيءَ ۾ ڪنهن هڪ جي بہ هٿن کي ميندي نصيب نہ ٿي سگهي. عبدالله جا ٻار اوهان ۽ اسان جون نياڻيون ۽ پٽڙا آهن. ڪلچر ڪاتو اسانجو پنهنجو کاتو آهي، جنهن ۾ ڪم ڪندڙ آفيسرن ۽ ملازمن کي عبدالله ڪيڇيءَ جهڙن فنڪارن تي فخر هئڻ گهرجي. اسان ڪلچر کاتي جي وزير ۽ سيڪريٽريءَ کي پرزور اپيل ٿا ڪيون تہ هو عبدالله ڪيڇيءَ جي نالي ماهوار وظيفو مقرر ڪري سندس ڪٽنب کي هر مهيني ادا ڪرڻ جو انتظام ڪن ۽ سندس جوان ٻارڙن کي سهاڳ ماڻڻ ۾ بہ جوڳي سهائتا ڪن ۽ ان سان گڏ وفاق جي ڪلچر منسٽريءَ وٽان بہ ماهوار وظيفو ڏيارڻ ۾ سنڌ سرڪار، خاص طور چيف منسٽر ضروري اپاءَ وٺڻ ۾ مدد ڪري.

ڳل چنو ڳرنار جو

# اُستاد نيازِ حسين خان

گواليار ڪلاسيڪي راڳ جي. سرزمين رهندي آئي آهي، جتي راڳ - ديوي گواليار جي مانائتي گهراڻي تي موسيقيءَ جا گل نڇاوَر ڪندي رهي آهي. راڳ ديوي رابيلي گلن جا گجرا ٺاهي، گواليار جي مائرن کي آڇيندي آهي، جي مائرون استاد منظور علي خان، استاد ٻيبي خان، استاد نياز حسين خان، فدا حسين، ظفر علي، فتح علي، وحيد علي، رجب علي، نذر حسين، مظهر حسين ۽ ذوالفقار عليءَ جهڙن فنڪارن ۽ استادن کي جنم ڏيئي، پاڻ بہ امر ٿي ويندڙيون آهن.

موسيقي يا راڳداريءَ کي انگريزيءَ ۾ ميوزڪ (Music) چيو ويندو آهي، جيڪو لفظ Muse مان ورتو ويو آهي. اسان جيڪڏهن قبلِ مسيحائي يوناني ڏند ڪٿائي علم (Mythodology) تي نظر وجهنداسون. تہ اصل لفظ "Muse" ملندو، جنهن کي شاعري ۽ لطيف فن Fine Art جي ديوي سڏيو ويو آهي، جا زيوس (Zeus) جي خوبصورت نوَن ڌيئرن مان هڪ ڌيءَ آهي. اهو ئي سبب آهي، جو دلين تي راڄ ڪندڙ ان ديويءَ کي شاعريءَ ۾ روح چيو ويو آهي. دراصل، ان قسم جي هر هڪ ديويءَ (goddess) کي ڪنهن بہ لطيف فن تي حڪمراني ڪندڙ شهزادي سڏيو ويو آهي. ان حوالي سان استاد منظور علي خان، استاد ٻيبي خان ۽ استاد نياز حسين خان تہ چولو مٽائي، وڃي پنهنجي اصل ماڳن مڪانن تي رسيا آهن، پر پوءِ بہ اسان وٽ سندن ڇڏيل نشانڙيون مظهر حسين ۽ ذوالفقار علي وڏڙن جي نالي روشن ڪرڻ لاءِ سنڌ - ماتا جي آتما سر ۽ سنگيت جي خوشبوءِ آڇيندا ئي رهن ٿا. جڏهن هو ڳائيندا آهن، تہ دلين جي صحرائن کي لڪيءَ جي سدا ٻهار چشمن سان سيراب ڪري ويندا آهن. سنڌ - ڇاوا اهي ٻال وڻن مان وٽڪار جو درجو ماڻين، جئين ٿڪل مسافر سندن ڇانوَ ۾ ڪا گهڙي ٽڪَ پنجي، وري پنهنجو سفر جاري رکندا رهن.

چيو ويو آهي تہ موسيقي روح جي غذا آهي، جا روح کي فرحت ۽ تازگي بخشيندي رهي ٿي، انسان جي دل ۾ ٻئي انسان لاءِ محبت پيدا ڪري ٿي. اهو زمانو بہ هيو جڏهن يوناني حڪيم يا ويڄ کي سند

(Certificate) ملندي ئي، تڏهن هئي، جڏهن هو پين پيپرن سان گڏ، موسيقيءَ وارو پرچو بہ پاس ڪندو هو. هندو ڌرم ۾ تہ ڳائڻ وڄائڻ عبادت ۾ شامل آهي، ايتري قدر جو هندو ڪرشن، ﺭاڌا، رام، سيتا ۽ لڇمڻ جي شان ۾ ڀڄن ۽ اشلوڪ ڳائيندا آهن. هونءَ بہ ڏٺو وڃي تہ قدرت هر آواز ۽ عمل جو بنياد موسيقي ۽ موسيقيءَ جي لئي تي رکيو آهي. آبشارن ۽ مينهن جي وسڪاري کي غور سان ٻڌبو تہ گهنگهروءَ جا ڇمڪا ۽ باجي جي لئي محسوس ٿيندي. ڪبوتر، ڪونج، ڪويل، ڳيرڙين ۽ تترن جي ٻوليءَ تي غور ڪبو تہ مقرر ٽيل رکن يا ماترائون (Vowels) پنهنجي مقرر وقت اندر استائي يا انتري وانگر ٿي ختم ٿينديون نظر اينديون.

راڳداريءَ ۾ موسيقار يا مغني (Musician) جو اعليٰ ۽ اتم درجو ٿئي ٿو. راڳ جي دنيا ۾ گويا، پنڊت ۽ خانصاحب جو درجو ٿي تڏهن ملندو آهي، جڏهن موسيقيءَ جي ماهرن جا سبق نصيب ٿيندا آهن. اهي باجي ڏٺي ئي پنڊت ۽ خانصاحب جو رتبو ڏياريندا آهن. جئين شاعر فقط تخليقڪار هوندو آهي ۽ پارکن (Critics) کي تخليقڪارن جو بہ تخليقڪار ٻڌجڻو پوندو آهي، اهڙيءَ طرح راڳ جي دنيا ۾ باجي - ڏٺيءَ کي بہ فنڪار جي مقابلي ۾ تخليقڪار جو تخليقڪار ٿيڻو پويٿو. فنڪار فقط فنڪار آهي، پر موسيقار کي فنڪار سان گڏ فن جو ماهر بہ ٿيڻو ٿو پوي، جنهن لاءِ زندگيءَ جي رياض ۽ مشق جي ضرورت هجي ٿي.

استاد نياز حسين خان بہ زندگيءَ جي رياض سان هڪ فرد مان ادارو (Institution) ثابت ٿيو هو، جنهن جي ساز مان سر لهرين جو روپ وٺي نڪرندا هئا. هڪ اٿاهہ سمنڊ هو، جنهن جي پاتال ۾ سنگيت جا موتي سرجندا هئا. هارمونيءَ تي سا، ڪان ٽيپ سا واري چرپر يعني آروهيءَ توڙي واپسيءَ يعني امروهيءَ ۾ استاد جون آڱريون باجي جي سرن تي رقص ڪنديون نظر اينديون هيون.

مندر سبتڪ ۽ مڌ سبتڪ استاد نياز حسين خان جي آڏو شطرنج جا مهرا هئا. جن کي پنهنجي مرضيءَ تي هلائي، چلائي، موسيقيءَ جي راڄائن (Kings) کي شهہ ڏيئي، مات ڪندو هو. هارمونيم جا ڪومل ۽ تيور سر چڙهہ تہ استاد جي موسيقيءَ جي ميدان جا سپاهي هئا. جيڪي هر وقت استاد جي اطاعت ۾ سندس حڪم ۽ فرمان جو انتظار ڪندي نظر ايندا هئا. اهڙن فنڪارن ۽ مهان موسيقارن جي موت تي هڪ ڌرتي، ڇا ڪيئي ڌرتيون

ڏيندڙيون آهن. آسمان ۾ لرزش پيدا ٿيندي آهي ۽ ديسواسي پاڻ کي گهاٽي ۾ پيڙهبو محسوس ڪندا آهن.

مان جڏهن ڪراچيءَ جي گارڊن روڊ تي سرڪاري گهر ۾ رهندو هئس، ان وقت مونکي پنهنجي ڪلام کي ڇپائي پڌرو ڪرڻ بدران، ڪنهن فنڪار کان ڳارائڻ جو جنون جي حد تائين شوق هوندو هو.

منهنجو ڪلام ريڊيو، ٽي وي ۽ E.M.I گراموفون ڪمپنيءَ ۾ به رڪارڊ ڪيو ويندو هو. ان زماني ۾ ڪئسيٽ ڪلچر جو اجا بنياد پئجي رهيو هو. E.M.I ڪمپنيءَ (جاهن وقت بند ٿي چڪي آهي) ۾ پنهنجو ڪلام مختلف فنڪارن جي آواز ۾ رڪارڊ ڪرائڻ لاءِ مونکي ماسٽر محمد ابراهيم، استاد محمد جمن، بلاول بيلجم، استاد محمد حسن، اياز علي، فيروز دين، ظفر علي، عبدالله پنهور سان گڏ استاد نياز حسين خان جي ترتيب ڏنل موسيقيءَ جو به شرف حاصل آهي.

1979ع جي هڪ تارن ڀري رات هئي، جڏهن آفيسرس ڪالونيءَ ۾ منهنجي گهر جي ڊرائينگ روم ۾ استاد نياز هسين منهنجن ڪلامن، جئين ته (1) ڪيڏا هٽڙا پئي رنگدار ڏئم (2) تنهنجون منهنجي اڳيان مجبور اکيون (3) نيهن ڪري نروار، عشق اسانجي اڱڻ تي آيو (49 دل ڪيئن دوست وساري ۽ (5) تون ته ملندو رهندين خوابن ۾ جون ڌنون ڪمپوز ڪري رهيو هو ۽ لڙيءَ سومهڻيءَ عابده پروين استاد نياز حسين جي سامهون غاليچي تي ڌنن کي آلاپي رهي هئي، چاڪاڻ ته سڀاڻي تي گراموفون (شيرشاه، ڪراچي) ڪمپنيءَ ۾ رڪارڊنگ ٿيڻي هئي. اڳ، ان قسم جي رڪارڊنگ جوءَ مان ٿهيل رڪارڊن ذريعي ٿيندي هئي، جا هاڻي پلاسٽڪ مان ٺهيل هلڪن رڪارڊن وسيلي ٿيڻ لڳي هئي.

اهي ساڳا پنج ئي نغما E.M.I رڪارڊنگ کان ٿورو اڳ عابده پروين استاد نياز حسين جي موسيقي ۾ هڪ شاعر ۽ هڪ فنڪار" واري ٽي وي پروگرام ۾ پيش ڪري چڪي هئي، جو پروگرام ممتاز مرزا جي قربتن جو ڪرشمو هو. ان قسم جا پروگرام، جن ۾ عذرا رياض جا ڳاتل پنج نغما به شامل آهن، ممتاز مرزا جي قربن ڪري ئي پيش ڪيا ويا هئا.

استاد نياز حسين خان جي موسيقيءَ ۾ E.M.I ڪمپنيءَ جا اهي رڪارڊ اڄ به منهنجي ساهه ۽ ويساهه جو سرمايو آهن. اهڙن ڳاتل نغمن جو تعداد ڀنيهه آهي، جي استاد محمد جمن، عابده پروين، فقير عبدالغفور،

محمد يوسف، عذرا رياض، مصري فقير، انور حسين وسطڙي، فوتي زرداري، غبدالله پنهوَر، عبدالله ڪڇيءَ، گلشن علي زنگيجي، غلام الرسول لوهار ۽ سليمان شاهه جي آواز ۾ رڪارڊ ٿيل آهن.

ڪراچيءَ ۾ وهايل انساني رت ڪان مان جڏهن گهٻرائجي ويندو آهيان، يا محبت جي سامهون ڪو اچي نفرت جي ديوار ڪڙي ڪندو آهي، تڏهن مان رڪارڊ پليئر تي رڪارڊ وڄائي، نه رڳو ماضيءَ ڪي موٽائي وٺندو آهيان، پر اِن سان گڏ استاد نياز حسين خان جي يادن جي سڳنڌ ۽ سرهاڻ ساندل ڪي وهنجاري سهنجاري، استاد ڪي دل ۾ وهاري، سندس هارمونيم تي ٻه گنل رکي، اکيون بند ڪري، سندس وڄايل سرن ۾ گم ٿي ويندو آهيان ۽ مان جڏهن جاڳندو آهيان: ان وقت استاد نياز حسين خان جنت جي جهروڪن (Casements) ۾ ويهي سهڻي لطيف جي سر ڪلياڻ جي وائي:

”سيڪا پريان ڪي پوڇي، نيهن نيٽين ڳڻ ڳالهه وو“ ٻڌي، مظهر حسنين ۽ ذوالفقار عليءَ کي داد ڏيڻ لڳندو آهي.

منهنجي آتم ڪٿا جو رتائون منظر

# زخمي چانڊيو

**منهنجو** جڏهن به لاڙڪاڻي شڪارپور ۽ جيڪب آباد وڃڻ ٿيندو آهي ته ڪچهري ڪندي مان جڏهن ننڍڙائپ جا ڏينهن ۽ گهميل ماڳ مڪان ياد ڪرڻ لڳندو آهيان ته درياهه پار جا اديب دوست، خاص ڪري لاڙڪاڻي ۽ پرپاسي جا رهواسي چوڻ لڳندا آهن ته تاجل، اسان هتي ڄاوا نپنا آهيون، پوءِ به هتان جون وستيون ۽ وٿاڻ ايترا نه ڏسي سگهيا آهيون، جيترا درياهه جي هُن پار جو ٿي ڪري، مون ڏٺا آهن.

ڪو وقت هو، جڏهن درياهه اُڪري، پراڻي آباد، باقراڻي، علي آباد، منو جتوئي، سونو جتوئي، نئون آباد، جُلاب جتوئي ۽ مهرن ڪان ٿيندا، اسان لاڙڪاڻي پڄندا هئاسون، وري لاڙڪاڻي کان جڏهن چانڊڪا جي ماڳن مڪانن ڏانهن اسهندا هئاسون ته ماڇين جي ڳوٺ وليدن، مهي مڪول، ٻچل چانڊئي جو ڳوٺ، لشڪري، ڊيلار، رئيس پنيو خان چانڊيو، ڳوٺ رئيس قادر ڏني خان کان ٿيندا، وڃي نبي شاهه وڳڻ، وارياسو، ڇٽيءَ جي دڀ، ڄڪراڻين ۽ شاهپور ميرو خان نڪرندا هئاسون، ڪڏهن ڪڏهن ناري وڏي ۽ اڏن سردارن جي محمد پور وڃي راتين جون راتيون ترسندا هئاسون. شهدادڪوٽ پرسان واقع رئيس اعتبار خان چانڊئي جي ڳوٺ ۾ اٿين لڳندو هو، ڇڻ اسان: مان ۽ سيد حيات شاهه هن ئي ڳوٺ ۾ ڄاوا ۽ وڏا ٿيا هئاسون، ڇاڪاڻ ته هتان جا رئيس توڙي ڪامي ۽ ڪمدار اسان کي جيءَ ۾ جايون ڏيندا هئا، جو سلسلو اڃا به جاري آهي. هتان ٿيندا، ٿيندا پيا، هفتن جا هفتا ترسي، شهدادڪوٽ کان ريل گاڏي پڪڙي، اچي ٻهرام هينئين جي اسٽيشن تي لهندا هئاسون، جتان شهر کان ٻاهر واهه تائين ٽانگي ذريعي پهچي، اتان ڪچي پل اُڪري، مان ۽ سائين حيات شاهه ٿيلها ڪلهن ۾ لٽڪائي سائين حيات شاهه جي ناناڻن وٽ ناري

زخمي چانڊئي سان ملڻ وقت، جڏهن سرڪش ڏسڻ ۾ نہ ايندو هو، تڏهن زخميءَ جو بہ وجود نامڪمل ۽ ملاقات اڌوري سمجهندو هيس. هي ٻئي اسان جا شاعر اهڙو تہ اعليٰ آدرشي سبنڌ وسيلي هڪ ٻئي ۾ سمائجي "وحدت واحد" ٿي ويا هئا، جو ٻنهي جو هر محفل ۾ گڏ هئڻ لازم ملزوم محسوس ٿيڻ لڳندو هو.

هڪ ملاقات ۾ مون زخميءَ کي ٻڌايو تہ مون کي ساجد سومري وٽان خبر پئي آهي تہ سرڪش جو پاءُ ۽ تنهنجي والده گذاري وئي آهي، مان نہ تہ اوهان وٽ ڏک ونڊڻ لاءِ پاڻ اچي سگهيو آهيان، ۽ نہ وري خط ذريعي ڏک جو اظهار ڪري سگهيو آهيان. ان ڪري، اندر ۾ ويٺل انسان ملامت ڪري رهيو آهي. زخمي هن طرح جواب ڏنو هو "اوهان جي اندر وارو انسان پنهنجو صحيح ڪردار ادا ڪري رهيو آهي، معنيٰ تہ تاجل ڏوهي آهي."

تصوف ۾ وحدت الوجود مسلڪ رکندڙ صوفي "همہ اوست" يعني هر شيءِ ۾ خدا آهي، جا قائل آهن، يعني انسان جو وجود خدا وارو "وجود واحد" آهي. مطلب تہ ٻين شين وانگر انسان ۾ بہ خدا رهي ٿو. ماڻهوءَ جي مري وڃڻ سان خدا ماڻهوءَ مان نڪري وڃي ٿو.

ماڻهوءَ کي قتل ڪريءَ کان بچائڻ جو مٿيون عمل وڏي ۾ وڏو مسيحائي نسخو آهي. جو هڪ قسم جو دڙڪو بہ آهي تہ هڪ وڏي حقيقت بہ آهي، تہ اي انسان! تو ۾ جيڪڏهن جرئت آهي، تہ پوءِ تون پلي ماڻهوءَ کي قتل ڪري خدا جو گهر اجاڙ.

مان دعا ٿو گهران تہ شل سنڌ جي سيني بلوچن، جيئن تہ چانڊين، مگسين، جتوئين ۽ تيغاڻين کي ڏٺي تعاليٰ وحدت الوجود وارو صوفي بڻائي. جيئن سياڻي زخمي چانڊئي جهڙن پريمي ۽ انسان دوست انسانن توڙي اسان جي مائرن ۽ ڀينرن کي قتل ڪرڻ بدران، هر بلوچ، انسانن جي زخمن کي ڇٽائڻ لاءِ پنهنجي زندگي وقف ڪري ڇڏي.

راڳ - ديوي جنهن قوم تي راضي ٿيندي آهي، ان قوم وٽ استاد منظور علي خان، گلزار علي، استاد جمن ۽ وحيد عليءَ جهڙا امر فنڪار پيدا ٿيندا آهن.

هلال پاڪستان ۾ ياسر قاضيءَ جي وحيد عليءَ جي لاڏاڻي تي ڇپيل مضمون ۾ ليکڪ ڄاڻايو آهي، ته وحيد علي فقط هڪ گردي جي رحم ڪرم تي زندگي گذاري رهيو هو، ۽ سرڪار ماضيءَ جيان بين فنڪارن وانگر اسانجي هن فنڪار جي به سارَ سنڀالَ نه لڌي - ڪيڏو سنو ٿئي ها.. جيڪڏهن وحيد عليءَ جو ٻاهرين دنيا جي ڪنهن سٺي اسپتال مان علاج ڪرايو وڃي ها. ڏاڍي پونئيرن جي فن ۾ ايڏي سگهه پيدا ڪري، جو ڪو ٻوٽو وڏي وڻ ٿئي، جٿئين اسان سنڌ ۽ هند وارن سنڌين کي استاد منظور علي خان ۽ وحيد عليءَ جون آسيسون اچڻ لڳن.

ڪلا جي آسمان جو چمڪندڙ ستارو

# سرمد سنڌي

ڪلا يا آرٽ جي دائري ۾ سنگيت، نرتيه، مصوري، سنگتراشي ۽ ادب اچي وڃن ٿا. موسيقيءَ ۽ نرتيه (رقص) جو دقيانوسي مسلمانن وٽ کھڙو درجو مقرر ڪيو ويو ھو، ان جي ھر ڪنھن کي ڄاڻ آھي، پر دنيا جي ڀين ڪيترن ئي وڏن يا علمگير مذھبن جيئن تہ ھندو مذھب ۾ سر آواز ۽ نرتيہ کي پاڪ پوڄا جو درجو حاصل آھي. ان ڪري ئي سر ۽ سنگيت کي روح (آتما) جي خوراڪ ڪري سڏيو ويو آھي. قديم سنڌ توڙي ھند ۾ راڳ جي مڌر سرن ۾ آلاپن تي بيمارن جو علاج ڪيو ويندو ھو. اسان ھندو سڀيتا ۾ نارد جي ھٿن ۾ دنبورو سرسوتي جي ھٿن ۾ وينا ۽ ڪرشن جي مک تي مرلي ڏسون ٿا. قدرت ھن ڪائنات جي ذري پرزي ۾ سنگيت واري لئي (ردم) رکي آھي. ھوا ۾ سوساٽ، نديءَ ۾ رواني، وڻن جي پن ڇڻ ۾ موسيقي، جھرڻن ۾ جھڻڪار آھي. گھوڙي جا ٽاپ ٽاپ، طبلي جي وڄت سان ملي ٿي ۽ ھنج جي چال نويلي ناريءَ سان مشابھت رکي ٿي. مور جو ناچ ۽ سندس سونھن جڳ مشھور آھن. ڪيترن پکين جي ٻوليءَ ۽ گيتن ۾ موسيقي جا رڪن ۽ ماترائون آھن.

سنڌي موسيقيءَ جي تاريخ ٻڌائي ٿي تہ سنڌ جا ڳائڻا راڳ ملھار ڇيڙي، سنڌ جي نوٽ ۽ ڀنجھر زمين تي بارش وسائيندا ھئا. جھونا ڳڙھ جي راجا راءِ ڏياچ تنندن جي مڌر سرن تي تڏھن تہ سر ڏيڻ لاءِ ڀيجل اڳيان ڪنڌ جھڪايو ھو.

اسان وٽ سنڌ ۾ درگاھن ۽ صوفي فقيرن جي اوتارن ۾ ڪرتال ۽ يڪتاري تي ڳائجندڙ صوفي ڪلام ۽ دنبوري تي شاھ جو وايون ۽ بيت صدين کان ڪلاسيڪي درجي واري امرتا ماڻي چڪا آھن. موجودھ وقت ۾ موسيقي ڀلي تہ ڊسڪو، پوپ ميوزڪ ۽ ڪئسيٽ ڪلچر جي انگي حدن ۽ سرحدن تي وڃي پھتي آھي پر صوفياڻو رنگ ھر صديءَ ۾ نت نوان روپ

4. سرمد ڪلمڪ، ملنسار ۽ سادو سودو سنڌي هو جا سنڌين جي واڪاڻ جوڳي خوبي آهي.

5. ڪنهن قومي ڏڻ تي سرمد جي غير موجودگي محفل کي بنهه ٻسو ٻٽائي ڇڏيندي هئي.

6. مان سرمد کي جڏهن به غور سان ٻڌندو هوس ته هر دفعي ائين لڳندو هو ڄڻ موهن جي دڙي مان ڪو جوڳي نڪري، مرلي وڄائي ويدن جي زماني واري سنڌ جا خاڪا پيو جوڙي.

7. سرمد سنڌي پنهنجي جنم يومي سنڌ ۾ قومي ايڪتا ۽ سجاڳيءَ جا سنيها جهر جهنگ ۾ پهچائي سنڌ ماتا جي گود ۾ وڃي آرامي ٿيو. سنڌ ماتا جي دلبر، بي ڊپي ۽ انقلابي ڳائڻي کي سؤوار سلام! شال وري اچي سنڌ ماتا جيءَ گود ۾ جنم وٺي.

# پڙهندڙ نَسُل . پَ نَ

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻِڪَ ”لُڙهندَڙ نَسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندَڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڇُرندڙ، ڪِرَندڙ، اوسيئڙو ڪَندَڙُ، ياڙي، ڪاٺُو، ياڃوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سيني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان ڪٽي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنيٰ e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻَڻ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نَسل (پَنَ) ڪا ٻه تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو ٻه صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو ٻه شخص اهڙي دعويٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ٻِہ ڪُوڙو آهي.

جَهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. ٻين لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصيِ ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَڀِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَن پاران ڪتابن کي ڊِجيِٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيِٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي ڪُليل اڪرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڌِ کان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳِئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽَ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻَ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ ڪي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

ڄڻ ڄڻ ڄاڙ وڏي تي ڄَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛
گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........

... ... ... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،
جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَّ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڄڪلهہ اٽڪاٽائي ڪي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاٿي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ نادانيءَ جي نشاني آهي.

پَڙهَن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻَ کي قيد ڪري ڇڏڻَ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڇي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڃاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَڙهَن نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين

ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چو، چالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوٺَ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اڻٽر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا. بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ياڪي پائي چيو تہ "منهنجا ياءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ".
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)